ڪتب خانو
واٽس ايپ لائبرري
ايڊمن
امير عدنان
03337516944

(ناول)

# عشق

# جا چاليهہ اصول

(تصوف جي پس منظر ۾، شمس تبريزؒ
۽ روميؒ جي ڪردارن تي آڌاريل)

## ايلف شفق

## مهراڻ ايوب

روشني

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# عشق جا

# چاليھہ اصول

(تصوف جي پس منظر ۾، شمس تبريزؒ ۽ روميؒ
جي ڪردارن تي آڌاريل ناول)

ايلف شفق

مهراڻِ ايوب

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2017ع

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano




# ارپنا

## پنهنجي ساهيڙيءَ

## خديجة الڪبريٰ جي نانءِ

ڪتبخانو
واٽس ايپ لائبريري

سنڌي، اردو، انگريزي ادبي، تعليمي ڪتابن ۽ اخبارن جي
مفت وند جي فورم ۾ جو حصو بڻجڻ لاءِ گهربل معلومات

١. نالو
٢. شهر جو نالو
٣. تعليمي قابليت
۴. مصروفيت
۵. تصوير

ميمبرشپ حاصل ڪرڻ ۽
برقرار رکڻ لاءِ ڪتبخانو
جو فيسبڪ گروپ جوائن
ڪرڻ لازمي آهي...!!
facebook.com/kutabkhano

گروپ ايڊمن: امير عدنان
00923337516944

مُنجهيل ۽ نِٻل دنيا ۾ ڇو پيو واجهائين؟
جو تنهنجي اندر آهي ان لئه؟
تون ڪنهن ڪي ٿو ڳولهين؟

**رومي**

ڪلياتِ شمس تبريزي، #1912

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# سادگي ۽ ڏاهپ جو سنگم

سنڌي ادب جي وسعت ۽ زرخيزيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هر صنف تي، مستقل ڪتاب ڇپجندا رهن ٿا. سنڌ ۾ ڪتاب پڙهڻ وارو بہ هڪ وڏو حلقو موجود آهي.

ادب، ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ جو مکيہ ذريعو آهي. سنڌي ادب جي اوسر ۾ نوجوانن جو هر دور ۾ ڀرپور حصو رهيو آهي، جن ۾ چاڻ خزاني سان گڏ نئين دور جو علم ۽ ساڃهہ پڻ موجود آهي.

نون لکندڙن ۾ مهراڻ ايوب جو نالو تيزيءَ سان اُڀري سامهون آيو آهي. مهراڻ سان منهنجي ملاقات، حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول ۾ ٿي. ڪتاب جي مهورت جو سٽاءُ سهيڙيو ويو هو. جنهن ۾ منهنجي ناول "مکي کان موڪلاڻي" سان گڏ، سندس ناول "سعي" بہ شامل هو. هن باوقار انداز ۾ ڪتاب جو تعارف پيش ڪيو. سندس شخصيت جي سادگي ۽ لهجي جي سمجهداري ڌيان ڇڪائيندڙ هئا. ذهين ڇوڪريون ، سادگيءَ ۽ روين جي سياءَ ۾ متاثر ڪنديون آهن. جن جي لهجي ۽ لفظن مان خانداني تربيت جو اندازو ٿيندو آهي.

مون کي مهراڻ کي ڏسي خوشي ٿي. سندس ناول "سعي" کي، سنڌي لينگوئج اٿارٽيءَ پاران، سال 2016ع جو بهترين ناول قرار ڏنو ويو آهي. مهراڻ، ڪجهہ ڏينهن اڳي، لهجي ۾ خوشيءَ ۽ فخر جا جذبا پروئي ٻڌايو تہ هن ايلف شفق جو جڳ مشهور ڪتاب "The forty rules of love" ترجمو ڪيو آهي. اهو ٻڌي بيحد خوشي ٿي. ايلف شفق، ترڪي جي مقبول ترين ليکڪا آهي، جنهن 1971ع ڌاري فرانس ۾ جنم ورتو. پاڻ مختلف ناول لکي ڪيترا اعزاز ۽ ايوارڊ حاصل ڪري چڪي آهي. سندس ڪتاب چاليهہ کن ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. خاص طور تي سندس ناول "دي فارٽي رولز آف لَو" تمام گهڻي مقبوليت ماڻي آهي. محبت جهڙي لازوال موضوعن کي سهيڙيندي، ليکڪا ماضي، حال، دنياداري ۽ روحانيت جهڙن دلچسپ رخن تي بحث ڪيو آهي. هن ڪتاب ترڪيءَ جي سماجي

Kutab Khano | Whatsapp Library | Admin: Ameer Adnan | 00923337516944 | www.facebook.com/groups/Kutabkhano

زندگيءَ کي محبت، خاندان، انفرادي آزاديءَ، تصوف ۽ نجات جو آئينو ڏيکاري ڇرڪائي رکيو. مولانا جلال الدين رومي ۽ شمس تبريز جي حوالي سان لکيل هن ناول جو مشرق توڙي مغرب وڏو آدرياءُ ڪيو آهي، جنهن وسيلي ترڪي جو قديم فڪر توڙي صوفي ورثي متعلق وڏي ڄاڻ ملي ٿي. مادي ضرورتن جي پورائيءَ کان پوءِ، مغرب روحاني خال پرڻ لاءِ تصوف جي موضوع ڏانهن موٽ ڪاڏي آهي. يورپ ۾ زيرِ بحث جديد موضوعن جو مرڪز وجود، محبت ۽ روحانيت آهن.

سنڌي ادب ۾ ترجمن جي وڏي اهميت رهي آهي. سٺ/ستر واري ڏهاڪن دوران روس، فرانس، جرمني، انگليند ۽ آمريڪا تائين جا ڪهاڻيون ۽ ناول ترجمو ڪيا ويا، جن سنڌي اديبن کي سوچ جي وسعت ۽ موضوع جي نواڻ ڏني. انهن ترجمن، سنڌي ادب ۾ بيش بها اضافو ڪيو. اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. ان سلسلي جي خوبصورت ڪڙي هن ڪتاب جو ترجمو بہ آهي، جيڪو هڪ محنت طلب مرحلو هو جنهن کي مهراڻ مستقل مزاجيءَ سان توڙ نڀايو. هن لفظي طور تي ترجمو ڪرڻ بدران، احساس کي سمجهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪيو آهي. ڪٿي بہ خيال يا تسلسل ٽٽندي محسوس نہ ٿو ٿئي.

مهراڻ هي پيدائش، قنبر تعلقي جي ڳوٺ گهتهڙ ۾ ٿي. پاڻ قنبر گرلس ڪاليج ۾ علمي سفر کي همٿائي رهي آهي. سندس والد ڪامريڊ محمد ايوب ٻرڙي جي حوصلہ افزائيءَ جو نتيجو آهي، جو اڄ هوءَ علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺي رهي آهي. مهراڻ جي ويجهي سهيلي خديجہ ڪيس ان ڪتاب جي ترجمي لاءِ اُتساهيو. مهراڻ ايوب سان گڏ، خديجہ بہ مبارڪباد جي مستحق آهي، جنهن مهراڻ کي همٿايو ۽ سنڌي ادب ۾ احساساتي سگهہ تي مشتمل هڪ منفرد ڪتاب جو اضافو ڪرايو.

هي ڪتاب سوچ کي لوچ عطا ڪندو، انساني زندگيءَ ۽ ڪائنات جا ڪيترا ئي اڻ دريافت ٿيل رخ بہ سامهون آڻيندو.

**شبنم گل**

حيدرآباد

09.10.2017

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## پيش لفظ

ترڪي ناول نگاره ايلف شفق جو انگريزيءَ ۾ لکيل جڳ مشهور ناول 'The forty rules of love' جو سنڌي ترجمو "عشق جا چاليھ اصول" جي عنوان سان، منھنجي نياڻي مهراڻ ايوب ڪيو آهي. ترجمو نهايت خوبصورت، پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ بيحد سَهنجو سرل ۽ دلپذير پيرايي ۾ آهي. ترجمي کي ڏسندي محسوس ٿئي ٿو تہ هي ناول، سنڌي زبان جو اصلوڪو ناول آهي، حالانڪ هڪ ٻوليءَ کي ٻيءَ ٻوليءَ جو لباس پهرائي ان کي پنهنجي ادب جو حصو بنائڻ انتهائي ڪٺن عمل آهي. ان دوران ترجمي نگار کي ڪيترين ئي مشڪلاتن سان منهن مقابل ٿيڻو پوندو آهي، جڏهن تہ مهراڻ ايوب ترجمي جي فن سان اهڙو نياءُ ڪيو آهي، جو اهو ترجمو پنهنجي ٻوليءَ جو اصلوڪو ۽ نج نظر اچي ٿو. اها خوبي، اسان جي سنڌي ترجمي نگارن ۾ تمام گهٽ ڏٺي ويئي آهي. اڪثر ترجما، پڙهڻ سان اپياسڪ جي مغز ۾ هٿوڙا لڳڻ شروع ٿي ويندا آهن. لفظن جو استعمال اهڙو تہ دقيق، گوڙهو ۽ پيچدار هوندو آهي جو حِظُ تہ پنهنجي جاءِ تي، پر پڙهندڙ جو وڏيڪ مطالعي ڪرڻ تان ارواح ئي ڪجي ويندو آهي. ترجمي نگار، لفظي ترجمي ۾ اهڙو تہ الجهي پوندا آهن جو ڪين مطلب سمجهائڻ مشڪل ٿي پوندو آهي، نتيجي ۾ پڙهندڙ سولي ڳالھ بہ سمجهي نہ سگهندا آهن.

اصل ۾ ڌاري ٻوليءَ جي ادب کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ لاهڻ، تخليقي ادب کان گهڻو مشڪل آهي. تخليقي ادب لاءِ اديب پنهنجي احساساتي سگهہ ۽ ادراڪ کي پنهنجو محرڪ بنائيندو آهي ۽ ان جي سهاري پنهنجي بي ترتيب خيالن ۽ سوچن کي يڪجاءِ ڪري ادب جي هڪڙي خوبصورت عمارت جوڙي وٺي ٿو پر ترجمي ۾ صورتحال بنھ مختلف ٿئي ٿي. هن ۾ هڪ تہ ڌاري ٻوليءَ کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ لاهڻ لاءِ ٻنهي ٻولين جي خبرداري

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هئڻ گهرجي، ڀيو تہ لفظن جو انتخاب ۽ انهن جو صحيح هنڌ ۽ موقعي تي استعمال ڪرڻ جو ادراڪ هجي.

سنڌي زبان ۾ سائين محمد ابراهيم جويو صاحب هڪ اهڙو سگهارو نالو آهي، جنهن جا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل شهپارا پڙهندي محسوس ٿيندا، تہ اهي ترجمو نہ بلڪ سنڌي زبان جا اصلوڪا آهن. سائين جويي صاحب کان پوءِ جيڪڏهن نالو اچي ٿو تہ اهو سائين عطا محمد ڀنڀري صاحب جو نالو آهي، جنهن جا ترجما نهايت ئي شاندار ۽ هوبهو سنڌي زبان جا پنهنجا لکيل نظر ايندا. ان کان پوءِ نوجوان ٽهيءَ ۾ محمد احمد منصور عباسي ۽ علي آڪاش جا نالا پڻ ذڪر جوڳا آهن. هنن جي ترجمي نگاري بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پر هن سال ترجمي نگاريءَ جي صف ۾ منهنجي نياڻي مهراڻ ايوب پنهنجو نالو شامل ڪرايو آهي. مهراڻ ايوب نئين ٽهيءَ جي بهترين ۽ نمائنده ليکڪائن ۾ شامل آهي. هوءَ ناول سميت ڪهاڻيءَ ۾ بہ طبع آزمائي ڪري رهي آهي. سندس ڪهاڻيون جڳ مشهور تماهي رسالي "مهراڻ" ۾ بہ ڇپيون آهن. سندس پهريون ناول "سعي" سنڌي معاشري جي اٽبرابريءَ جي نظام تي لکيل هڪ سماجي ناول آهي، جنهن سنڌي لينگويج اٿارٽي پاران 2016ع جي بهترين ناول جو ايوارڊ بہ ماڻيو. هن ڀيري مهراڻ ايوب ترجمي نگاريءَ جي شعبي ۾ نہ صرف داخل ٿي آهي، پر هن تمام مختصر عرصي اندر هڪ عاليشان ناول، سهڻي ۽ آسان پيرايي ۾ ترجمو ڪري اسان پڙهندڙن کي حيران ڪري ڇڏيو آهي. هيءَ ڪا جن يا ڀوت ليکاري ۽ ترجمي نگار آهي، جيڪا روزمره جي ڪم ڪارِ کي منهن ڏيئي، ڪاليج ۾ ماستري بہ ڪري ۽ ههڙين ضخيم ۽ طويل وقت گهرندڙ سرگرمين سان بہ نڀائي، ايتري ننڍي ڄمار ۾ هن قسم جا خفا ڪرڻ تمام وڏي ۽ حيران ڪندڙ ڳالهہ آهي.

مان جڏهن سندس ترجمي کي نظر مان ڪڍيو تہ مون کي سچ پچ وڏي حيرانگي ٿي، تہ هن کي ننڍڙي عمر ۾ لفظن جي تاريخ، پسمنظر ۽ انهن جي صحيح هنڌ ۽ موقعي تي استعمال ڪرڻ جي پوري ڄاڻ آهي. ترجمو پڙهندي مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ مان، ڪنهن سيڪڙات ترجمي نگار جو نہ پر سائين جويي صاحب جو ترجمو پڙهي رهيو هجان. اهڙو تہ آسان فهم، دلچسپ ۽ موهيندڙ لڳندو رهيو جو مون جهڙي سست ماڻهوءَ ۾

Kutab Khano | Whatsapp Library | Admin: Ameer Adnan | 00923337516944 | www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هن کي جلد پڙهي پوري ڪرڻ جو اشتياق ۽ جذبو ايترو وڌيو. جو مان به ڪجهه ئي وقت ۾ نظر مان ڪڍي پورو ڪيو. مون کي هن ۾ ڪا گهڻي ايڊيٽنگ ڪرڻي نه پئي، ڪٿي ڪي ٿورا لفظ بدلايا هوندا. نه ته سڄي ساري محنت هن جي پنهنجي آهي.

مون کي اميد آهي ته سنڌي ترجمو ڪيل هي ناول "عشق جا چاليهه اصول" سنڌي زبان جي خدمت ۾ هڪ خوبصورت ۽ قيمتي اضافو ثابت ٿيندو. جڏهن به ترجمي نگاريءَ جي فن جو ذڪر ٿيندو ته ان ۾ مهراڻ ايوب جي هن قيمتي وِٿ کي ضرور شامل ڪيو ويندو. مهراڻ ايوب پنهنجي طبيعت ۽ مزاج ۾ هڪ جينيس، گهڻ پاڙهو ۽ بردبار اديبا آهي، جنهن لکڻ سان هڪ ڪمٽمينٽ ڪري ڇڏي آهي. جهڙيءَ ريت هن پنهنجي پروفيشن يعني ماستريءَ سان ڪمٽمينٽ ڪئي آهي. تهڙيءَ ريت "لکڻ" کي به جڻ پنهنجي پروفيشن جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي.

هن ناول لاءِ به اکر لکڻ لاءِ منهنجو نالو چونڊيو پر مون کيس زور پريو ته به اکر لکڻ لاءِ ڪنهن نامور اديب جو انتخاب ڪرڻ گهرجي، جنهن سان سندس ترجمي جي اهميت به وڌي ۽ مارڪيٽ به نهي، مون جهڙي هڪ گمنام ماڻهوءَ جي لکڻ سان ڪو فائدو نه ٿيندو پر منهنجي نياڻيءَ کي شايد اها پڪ ٿي ويئي آهي ته مان هن تي به اکر لکندس ته اهي بئي مسئلا حل ٿي ويندا. بهرحال، منهنجي نياڻيءَ جي هي ڪوشش، مون کي اها پڪ آهي ته اڳ واري محنت کان اڳري ثابت ٿيندي ۽ هي ترجمو ڪيل ناول ترجمي نگاريءَ جي شعبي ۾ عزت ماڻيندو.

**دين محمد ڪلهوڙو**
سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (سنڌي)
گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول
موسيٰ ڪٽياڻ، حيدرآباد سنڌ

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# سنڌيڪار پاران

*"جيڪا ڪهاڻي توهان کي موڪلي رهيو آهيان، اها تيرهين صدي نندي ايشيا ڦونيا ۾ گهمي ٿي. پر مان يقين رکان ٿو تہ هي سرحدن، ثقافتن ۽ صدين جا سنڌا ميساري ٿي."*

ناول مان ڪنيل سِٽون

مذهب ۽ انسانيت بہ الڳ موضوع آهن، پر پوءِ بہ انهن ٻنهي کي هميشہ گڏ رکي، هڪٻئي جي نظرين جي تذليل ڪئي آهي. پنهنجي ڌرتي واسيءَ جي عقيدي کي دل سان قبول ڪرڻ انسان جي اعليٰ ظرفي ظاهر ڪري ٿو. پر هتي، معاملو ان جي اُبتڙ آهي. عقيدي ۽ نظريي ۾ تمام گهڻو فرق آهي. نظريي تي تنقيد تہ برداشت ڪري سگهجي ٿي، پر ڪنهن جي عقيدي تي سوال اٿاري، هرويرو جي مخالفت انسان لاءِ ناقابلِ برداشت فعل آهي.اِها ڳالهہ انسان جي جوش کي اياري منجهس شدت پسنديءَ جو عنصر پيدا ڪري ٿي. اڄڪلهہ هر ماڻهو پنهنجي عقيدي يا خيال کي صحيح ثابت ڪرڻ جي چڪر ۾ ٻئي ماڻهو کي غلط ثابت ڪرڻ جي هر جائز ناجائز ڪوشش ڪري ٿو.

مذهب ئي انسان کي اشرفُ المخلوقات هئڻ جو درجو ڏنو آهي، پر جڏهن هو پنهنجي ضد تي اچي ٿو تہ اخلاق ۽ لحاظ جي هر حد پار ڪري پنهنجي مرتبي ۾ جانور کان بہ هيٺ ڪِري پوي ٿو. چاليهن مان هڪ اصول چوي ٿو:

> پروردگار جي خلقت ۾ انسانذات کي هڪ لاثاني مقام مليل آهي. خدا فرمايو 'مون انسان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو' اسان مان هر هڪ کي بنا ڪنهن فرق جي ڌرتيءَ تي الله جو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

خليفو مقرر ڪيو ويو آهي. پنهنجو پاڻ کان پڇيو تہ توهان ڪيتري قدر خليفي جيئان پيش آيا آهيو؟ ڇا توهان ڪڏهن ائين ڪيو بہ آهي؟ ياد رکو اسان تي اهو لازم آهي تہ پنهنجي اندر رحماني روح کي کوجي لهون ۽ ان سان گڏ جيئون.

ڪنهن بہ مذهب ڪڏهن ماڻهن کي ناهي منجهايو پر ماڻهوءَ ان کي پنهنجي هٿ ٺوڪين ريتن رسمن سان مٿائي ٻين انسانن کي منجهائي ڇڏيو آهي. تيرهين صدي هجي يا ايڪويهين، هر دؤر ۾ مذهبي ڪٽرپڻي، سياسي ڇڪتاڻ، ثقافتي غلطفهمين ۽ سماجي رڪاوٽن انساني ڀلائي ۽ ڪاميابي جي عروج کي زوال ۾ مٽائڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. ان اهنجي وقت ۾ عام خلقت کي ڪنهن اهڙي نظريئي جي ضرورت پوي ٿي، جيڪو صرف ۽ صرف امن ۽ سلامتي جي تعليم ڏئي. بنيادي طرح هي ڪهاڻي جڳ مشهور صوفي شاعر ۽ بزرگ مولانا جلال الدينؒ رومي ۽ سندس روحاني ساٿي حضرت شمس تبريزؒ جي آهي. هن ناول ۾ ايلف شفق اهڙن مونجهارن کي ٻن الڳ صدين جي ڪهاڻين ۾ پروئي اڳيان آندو آهي، جنهن ۾ هن ٻڌايو آهي تہ زمانو ڀلي ڪيترو بہ اڳتي نڪري چڪو هجي پر انسان جي باطني ڪيفيت ساڳي رهي ٿي.

ناول پڙهڻ وقت مون ڪنهن هڪڙي جڳهہ تي بہ نہ سوچيو هو تہ مان هن جو ترجمو ڪنديس، پر اِها خواهش ضرور ڪئي هئم، تہ هي ڪتاب جيڪر سڀ پڙهن! هڪ ڏينهن، اچانڪ منهنجي دوست خديجہ مون کي فون ڪري چيو تہ توکي هي ناول ترجمو ڪرڻ گهرجي، ان جو مشورو مشورو گهٽ، حڪم وڌيڪ هو. مون بي دليءَ سان حامي ڀري ۽ ڪيس چيم تہ ناول مان ڪو ڏکيو باب ترجمو ڪري ڏيکاريندس پوءِ فيصلو ڪنداسين. رومي ۽ شمس جي ملڻ وارو سڄو باب سنڌي ۾ لکيم، مون کي لڳو تہ اڳيان پسند نہ پوندو پر سڄو ناول ترجمو ڪرڻ کان پوءِ ٿي سگهہ جو ساهہ کڻڻ ڏنو ويو.

ايلف شفق جهڙي صوفي صفت ليکڪ جي ڳوڙهي فلسفي کي سمجهڻ مون ادني ليکڪا جي وس جي ڳالهہ نہ هئي، ان کي سمجهڻ ۽ سهڻن لفظن ۾ بيان ڪرڻ لاءِ هر موڙ تي مون کي پنهنجي روحاني ساٿياڻيءَ خديجہ جي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ضرورت پئي. هي ڪتاب مون ڪان وڌيڪ انهن ماڻهن سان تعلق رکي ٿو جن ترجمي جي دوران منهنجي ۽ خديجه جي ڏگهين ڪالز کي برداشت ڪيو (مطلب اسان ٻنهي جا گهرڀاتي). جيڪڏهن اهي ايتري صبر جو مظاهرو نہ ڪن ها تہ هي ترجمو تہ ٿي وڃي ها پر ان ۾ ايتري خوبصورتي ۽ محبت نہ هجي ها.

بابا، امي، چاچا دين محمد، چاچا رياضت، امبر، خديجه ۽ فيض، اوهين سڀ مون لاءِ رومي جي ان خواب واري پرندڙ شمس جي آگرين جيئان آهيو جن سندس خواب توڙي حقيقت ۾ زندگيءَ جي ڪتاب پڙهڻ ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي.

هاڻي مان پڪ سان چئي سگهان ٿي تہ هي ڪتاب، هر محبت ڪندڙ دل کي پاڻ ڏانهن موهي، پڙهڻ تي مجبور ڪندو. انشاء الله

**مهراڻ ايوب**

آڪٽوبر 2017، قنبر

mehran_35@hotmail.com

ڪتاب خانو...وانس ايپ لائبريري



پوسٽنگ جو شيڊول



صبح جي وقت اخبارون، رات دير سان ڪتاب

In morning Newspaper & late Night Books Sharing

سومر Monday سنڌي، اردو، انگلش ادب، تعليمي مواد ۽ اخبارون

Sindhi, Urdu, English Literature, educational Material & Newsapapers

اڱارو Tuesday سنڌي، اردو، انگلش ادب، تعليمي مواد ۽ اخبارون

Sindhi, Urdu, English Literature, educational Material & Newsapaper

اربع Wednesday سنڌي، اردو، انگلش ادب، تعليمي مواد ۽ اخبارون

Sindhi, Urdu, English Literature, educational Material & Newsapapers...

خميس Thursdayday سنڌي، اردو، انگلش ادب، تعليمي مواد ۽ اخبارون

Sindhi, Urdu, English Literature, educational Material & Newsapapers..

جمع Friday CSS, PCS, ECAT, MCAT, BCAT, NTS, MCQ ۽ اخبارون

CSS, PCS, ECAT, MCAT, BCAT, NTS, MCQ & NEWSPAPERS

ڇنڇر Saturday ميمبرز ڊيمانڊز، ڪتبخانو ڪيلڪشنز ۽ اخبارون

Members Demand, kitubkhano Special collections & Newspapers

آچر Sunday MCQs Day+ميمبرز ڊيمانڊز ۽ اخبارون ۽ ميگزين

MCQs Day, Members Demand, Newspaper & Magzines etc

گروپ کے قواعد کی خلاف ورزی کسی صورت قابل قبول نہیں۔ اس کے مرتکب بن کر خود کو علم کے خزینوں سے محروم نہ کریں۔

گروپ ايڊمن امير عدنان-------00923337516944

## انگريزي ڇاپي لاءِ

# مهاڳ

بي پرواهه درياءَ جي گوڙيلي وهڪري ۾ هڪ پٿر ڪٽي اڇليو. پاڻي جي سطح تي ڪا واضح حرڪت نہ ٿيندي. جتان پٿر مٿاڇري کي ڇيريو، اتي هلڪي جُنبش ٿيندي. پوءِ اهو پٿر لهرن ۾ ڊڪجي لڙهي ويندو. بس ايترو!

هڪ پٿر تلاءَ ۾ اُڇليو، ردعمل نہ صرف واضح هوندو پر جٽادار هوندو. پٿر بيٺل پاڻي کي چيريندي هڪ دائرو ٺاهيندو، جيڪو يڪدم ڪيترن ئي دائرن ۾ تقسيم ٿي ويندو. اها هڪ جنبش پاڻي جي پوري سطح والاري ڪيترن ئي دائرن ۾ ورهائجي ويندي. ڪپ سان ملي اهي دائرا فنا ٿي ويندا.

جڏهن پٿر درياءَ ۾ اڇلجي ٿو تہ درياءَ ڪيس پنهنجي گوڙيلي وهڪري ۾ هڪ معمولي آواز سمجهي ساڻس اهڙو سلوڪ ڪري ٿو. هن لاءِ ڪجهہ بہ غير معمولي، ڪجهہ بہ بي ضابطہ ناهي هوندو.

جڏهن پٿر ڪنهن تلاءَ ۾ لڳي ٿو تہ تلاءَ ساڳيو نہ رهندو.

چاليهن سالن کان ايلا روبنسٽن جي زندگي هڪ بيٺل پاڻيءَ جيئان هئي- ضرورتن، عادتن، ۽ ترجيحن جو هڪ ساڳيو سلسلو. جڏهن تہ اهو صفا عام رواجي هو، پوءِ بہ هِن ڪڏهن ان کي ٽڪائيندڙ نہ پاتيو. گذريل ويهن سالن جي دوران سندس خواهشون، ساهيڙيون ۽ هر فيصلو ازدواجي زندگي جي ڪري ذاتي ترجيحات مان خارج ٿي چڪو هو.

ايلا جو ورُ ڊيوڊ هڪ ڪامياب ڊينٽسٽ هو، جنهن وڏي محنت سان پئسو ڪمايو هو. هوءَ ان ڳالهہ کان چڱيءَ ريت واقف هئي تہ هو ٻئي ڪنهن جذباتي لاڳاپي ۾ ڳنڍيل ڪو نہ آهن. هوءَ سمجهندي هئي تہ پرڻيل جوڙن جي ترجيحاتي فهرست ۾ جذباتي لاڳاپو هئڻ ضروري ناهي هوندو. خاص ڪري اُنهن جوڙن لاءِ جيڪي ايتري ڊگهي عرصي کان شادي جي ٻنڌڻ ۾

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ٻڌل هجن. ازدواجي رشتي ۾ عاشقي معشوقيءَ کان وڌيڪ ٻيون اهم شيون هونديون آهن. جهڙوڪ، هڪ ٻئي کي سمجهڻ، قدر ڪرڻ. پر گهور لهڻ ۽ سڀ کان وڌيڪ رحماني عمل: هڪ ٻئي جي ڪوتاهين کي درگذر ڪرڻ آهي. محبت انهن سڀني شين کان پوءِ ٿي اچي. اهو سڀ ناولن يا خيالي ناٽڪن ۾ ئي ڏسي سگهجي ٿو جتي انهن جا مقبول ڪردار حقيقي زندگيءَ کان مختلف ۽ ڏونگي هوندا آهن.

ايلا جا ٻار سندس اولين ترجيح هئا. ڪين هڪ خوبصورت ڏيءَ جينيٽ جيڪا ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، اورلي ۽ اوي ٻه جاڙا ڏيءَ پٽ هئا. وٽن ٻارهن سالن جو هڪ سونهري ڪتو اسپرٽ ٻه هو جيڪو ايلا جو سٺو دوست ۽ خوش رکندڙ ساٿي پڻ هو. اسپرٽ ساٿس تڏهن کان گڏ هو جڏهن هو اجا هڪ ننڍڙو گُلِر هو. هاڻي ته هو پوڙهو ٿي ويو هو. موٽو، صفا ٻوڙو ۽ تقريباً انڌو. اسپرٽ جو وقت اچي پڳو هو پر ايلا سندس ساٿ کي دائمي ٿي ڀانيو. هوءَ اهڙي ئي هئي! خاتمي جي ازلي حقيقت کان اکيون ٻوٽڻ واري، پوءِ پلي اها ڪا عادت هجي، هڪ مرحلو يا شادي ٽوڙي جو اهو انت. هڪ اٽل حقيقت ٻئجي سندس منهن مقابل اچي، تڏهن به نه!

ايلا نارٿ ايمپٽن ميساڪسٽس ۾ هڪ شاندار گهر ۾ رهندي هئي، جيڪو ڪجهه مرمت جي ضرورت هجڻ جي باوجود ٻه عاليشان لڳندو هو. ان ۾ پنج ڪمرا، ٽي غسل خانه، ڪاٺ جو چمڪندڙ فرش، ٽن گاڏين بيهارڻ جيتري فرانسيسي دروازن واري گيراج ۽ سڀ کان مٿي جڪوزي (ڪار). ان کان علاوه لائيف انشورنس، ڪار انشورنس، ريٽائرمينٽ جا منصوبا، گڏيل بينڪ اڪائونٽس، بوسٽن ۾ رهوڊ بيٽ ۾ ٻه شاندار اپارٽمينٽ سندن ويهه سالا ازدواجي زندگي جو ڪل اثاثو هئا. هُن ۽ ڊيوڊ ان سڀني شين لاءِ ڏاڍي محنت ڪئي هئي. هڪ وڏو مصروف ترين گهراڻو پلي ڏسڻ وارن لاءِ هڪ گهر هجي، پر گهر ڀاتين لاءِ اها هڪ پربور زندگيءَ جي مڪمل تصوير هئي.

انهن پنهنجي زندگيءَ جو حصول هڪ زيبائشي ۽ شانائتي زندگي گذارڻ تحت اُٽيو هو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

گڏريل ويلنٽائن تي سنڊس ور ڪيس دل جي پتلي وارو هار ۽ هڪ ڪارڊ تحفي ۾ ڏنو هو جنهن ۾ لکيل هو ـــــ

پنهنجي پياري ايلا ڏانهن!

بااخلاق، ڪليل دل واري ۽ صابرين عورت. مون کي جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ لاءِ مان تنهنجو احسانمند آهيان. منهنجي شريڪِ حيات ٿيڻ لاءِ تنهنجي مهرباني.

تنهنجو

ڊيوڊ

ايلا ڪڏهن بہ ان ڳالهہ کي ڊيوڊ جي اڳيان ظاهر نہ ڪيو هو پر اهو ڪارڊ پڙهندي ڪيس ائين لڳو ڄڻ هوءَ ڪو موت نامو پئي پڙهي. جڏهن مان مري ويندس تہ شايد منهنجا ويجها عزيز منهنجي لاءِ اهو ئي لکندا ۽ جيڪڏهن اهي وڏيڪ خيرخواهہ هوندا تہ اهو بہ لکندا:

ايلا پنهنجي سڄي حياتي پنهنجي مڙس ۽ ٻارن جي اردگرد گذاري، هُن ۾ زندگيءَ جي اهنجائين سان مقابلو ڪرڻ جي ڪوت هئي. هوءَ انهن مان نہ هئي جن جي حڪم سان هوائون پنهنجو رخ موڙين. ايتري قدر جو روزمره جي ڪافي جو قسم (برانڊ) متائڻ بہ هن لاءِ وڏي سعي هئي.

ايلا سميت ان ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ سيني لاءِ اهنجي هئي تہ شادي جي ويهن سالن کان پوءِ ايلا طلاق جو مطالبو ڇو ڪيو.

---

پر ان جو هڪ ڪارڻ هو: محبت

اهي ساڳي شهر ۾ نہ ٿي رهيا، نہ ئي ساڳي کنڊ جا هئا. نہ صرف اهي ٻئي هڪ ٻئي کان ڪيئي ميل پري هئا، پر ائين مختلف هئا جيئن رات ۽ ڏينهن. سندن زندگي گذارڻ جو طرزِعمل بہ ايترو مثيل هو جو اهو ناممڪن ٿي لڳو تہ محبت ٿيڻ کان پوءِ بہ هو هڪٻئي کي گهڻي دير برداشت ڪري سگهندا. پر ائين ٿيو! ۽ ايترو جلد ٿيو جو ايلا کي اهو احساس بہ نہ ٿيو تہ ڇا

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

تي رهيو آهي ۽ کيس ان ڪان بچڻ گهرجي. پر جڻ محبت ڪان بہ ڪوئي بچي سگهيو آهي.

محبت ايلا جي زندگيءَ ۾ ائين اچانڪ ۽ الائي ڪٿان ڪان آئي هئي، جڻ سندس زندگيءَ جي پرسڪون تلاءَ ۾ پٿر اڇلايو ويو هجي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# عشق جا چاليھ اصول

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جڏهن مان ننڍڙو هئس مون خدا ڏٺو
مون فرشتا ڏٺا،
اُتاهن ۽ هيٺاهن جهانن جا اسرار پروڙيم،
پائيندو هئس تہ سڀڪو ائين ئي پسندو هوندو
آخرِ ڄاتم، ائين نہ هو!!!

**شمس تبريزؒ**

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ايلا

نارٿ ايمپٽن، 17 مئي، 2008ع

بهار جي ان خوشگوار ڏينهن تي رڌڻي جي دريءَ جي ٻاهران پکي منڙيون لاتيون لنئوين رهيا هئا. ايلا پنهنجي ذهن ۾ گذريل وقت کي ڪيترائي ڀيرا دهرايو ائين تي لڳو ڄڻ اهو منظر اجا به ڪٿي نه ڪٿي هلي رهيو هجي.

چنچر ڏهاڙي ميز جي چوڌاري سيئي منجهند جي ماني کائي رهيا هئا. سندس مڙس پنهنجي پسنديده کاڌي مرغي (ڪڪڙ) جي تريل ٽنگن سان پنهنجي پليٽ ڀري رهيو هو. اوي پنهنجي ڇري ۽ ڪانٽي کي ڪنهن ٻرم جيئان وڄائي رهيو هو. جڏهن ته سندس جاڙي ڀيڻ اورلي هر کاڌي مان ڳٽي ڳٽي گرهه کائي رهي هئي ته جيئن سندس کاڌو 650 ڪئلوريز کان وڌي نه وڃي. جينيٽ، جنهن ڀرسان واري مائونٽ هوليڪ ڪاليج ۾ نئين داخلا ورتي هئي، اها بريڊ تي پنير جي ملائي هٽي رهي هئي ۽ خيالن ۾ گم لڳي رهي هئي. آنٽي ايسٽر پڻ اتي موجود هئي، جيڪا پنهنجو مشهور ماربل ڪيڪ ڏيڻ آئي هئي ۽ پوءِ ماني کائڻ لاءِ ترسي پئي هئي. ايلا کي ڪيترائي ڪم هئا پر پوءِ به هوءَ ٽيبل تان اٿڻ لاءِ تيار نه هئي. ڇو ته گڏجي ماني کائڻ جو ڪين گهٽ ڪي ئي موقعو ملندو هو. ايلا هن سونهري موقعي کي وڃائڻ نه ٿي چاهيو.

”ايسٽر، ڇا ايلا توکي اها خوشخبري ٻڌائي ته ڪيس نوڪري ملي آهي؟ هِن سٺي نوڪري تلاش ڪري ورتي آهي.“ ڊيوڊ اوچتو پڇيو.

ايلا انگريزي ادب ۾ گريجوئيشن ڪئي هئي ۽ ڪيس افسانوي ادب سان پيار هو. ڪاليج ختم ٿيڻ کان پوءِ هن سواءِ ڪجهه خواتين مئگزين جي ڪجهه مواد جي ايڊيٽنگ، ڪجهه ادبي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن مقامي اخبار لاءِ ڪنهن ڪتاب تي تبصرو لکڻ جي، ڪو خاص ڪم نه ڪيو هئائين. ڪو وقت هو جڏهن هوءَ هڪ مشهور

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

تنقيد نگار ٿيڻ چاهيندي هئي. پر هن باآساني ان حقيقت کي قبول ڪري ورتو ته زندگي ڪيس ڪنهن ٻئي پاسي آڻي ڇڏيو آهي. ٻارن جي ماءُ، نه ڪٽنب جي ذميواريون نڀائيندڙ گهريلو عورت ٿاهي ڇڏيو.

هن ڪڏهن شڪايت نه ڪئي. هڪ ماءُ، زال، گهر جي رکوالي ڪرڻ ۽ ڪتي کي گهمائڻ وغيره ڪيس گهڻو مصروف رکندا هئا. سڀ کا اهم ڳالهه ته ڪيس ڪمائڻ لاءِ پيڇو نه پوندو هو. جڏهن ته سِمتِ ڪاليج وارين سهيلين مان ڪنهن به ان انتخاب کي پسند نه ڪيو هو. هوءَ ان ڳالهه تي شڪر گذار هئي ته هوءَ گهر ۾ رهڻ واري ماءُ آهي ۽ ٻئي ڄڻا ان مان گذارو ڪري سگهن پيا. ٻئي طرف، هن ڪڏهن به پنهنجي پڙهڻ جي شوق کي نه ڇڏيو ۽ هوءَ پاڻ کي هڪ حريص پڙهندڙ سمجهندي هئي.

ڪجھ سال اڳ شيون مَتجڻ لڳيون. ٻار وڏا ٿي رهيا هئا ۽ اهو واضح ٿيڻ لڳو هو ته کين هاڻي ماءُ جي ايتري ضرورت نه هئي جيتري اڳي هئي. جڏهن اهو محسوس ڪيائين ته وٽس هاڻي گهڻو وقت آهي ته نوڪري ڪرڻ جو سوچيائين. ڊيوڊ به ان ڳالهه تي ڪيس همٿايو. پر هو صرف ان باري ۾ ڳالهائيندا ئي رهندا هئا، ملندڙ موقعن کي هن گهٽ ئي ليکيو هو. وري جيڪا نوڪري هن ڪرڻ چاهي، تنهن ۾ نوجوانن ۽ تجربيڪار ماڻهن کي وڌيڪ ترجيح ٿي ڏني ويئي. هر هر رد ٿيڻ جي ڊپ کان هِن اُن ڳالهه کي ڇڏي ڏنو.

بهرحال، مئي 2008ع ۾ نوڪري ڳولهڻ ۾ جيڪي به مشڪلاتون هيس، سي اوچتو ختم ٿي ويون. پنهنجي چاليهين سالگره کان ٻه هفتا اڳ هن بوسٽن جي هڪ ادبي ايجنسي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سندس مڙس هڪ گراهڪ— يا شايد ڪنهن سنگتياڻيءَ جي ذريعي اها نوڪري ڳولهي هئي.

"اڙي، اها ڪا وڏي ڳالهه ناهي. مان صرف هڪ ادبي اداري جي جز وقتي پڙهندڙ آهيان." ايلا ٽڪڙ ۾ چيو. پر ڊيوڊ سندس ڪم کي ائين معمولي ڪوٺڻ جي حق ۾ نه هو.

"اڙي، هنن کي ٻڌاءِ ته اهو هڪ سٺو ۽ مشهور ادارو آهي." ڊيوڊ زور پريو پر جڏهن ايلا ڪجھ به نه ٻڌايو ته هن پاڻ ئي ٻڌائڻ شروع ڪيو: "ايسٽر، اهو هڪ معروف ادارو آهي، تو کي اتي صرف سٺن سٺن ڪاليجن مان آيل نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا نظر ايندا. صرف ايلا ئي هوندي جيڪا گهريلو عورت هئڻ جي باوجود ڪم ڪندي. هاڻي شرماءِ نه ايلا."

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ايلا کي حيرانگي ٿي ته جڏهن سندس مڙس هن کي ايترا سال کان پري رکي اندر ئي اندر پاڻ کي گنهگار ٿي سمجهيو. ها اهو احساس ايلا سان دوکو ڪرڻ جي ڪري هو. سندس ايترو پرجوش هئڻ جا اهي ئي سبب ٿي سمجهي سگهجن ٿا.

"ان کي مان همت سمجهان ٿو. اسان سڀني کي هن تي فخر آهي." ڊيوڊ مسڪرائيندي ڳالهه جو تت ڪڍيو.

"هميشه کان هوءَ هڪ تحفو آهي اسان لاءِ". آنٽي ايسٽر ائين جذباتي ٿيندي چيو جڻ ايلا ڪنهن نيڪ مقصد لاءِ هتان هلي ويئي هجي.

سڀني هِن ڏانهن پيار منجهان تڪيو. ايستائين جو اوي به پنهنجن تڪن خيالن جو اظهار نه ڪيو ۽ اورلي پهريون دفعو پاڻ کان علاوه ٻئي ڪنهن لاءِ فڪر ظاهر ڪيو. ايلا پنهنجو پاڻ کي انهن سڀني لاءِ شڪرگذار ظاهر ڪرڻ لاءِ پاڻ کي زور ڀريو پر هوءَ جڻ ڪنهن عجيب خالي پڻي واري ڪيفيت سان ڀرجي ويئي، جنهن مان هوءَ اڳي ڪڏهن نه گذري هئي. هن دل ئي دل ۾ دعا ڪئي ته ڪاش! ڪوئي اهو موضوع مٽائي.

"مون وٽ به خوشخبري آهي!" سندس وڏي ڌيءَ جينيٽ جنهن يقينن اها دعا ٻڌي ورتي هئي، تنهن ڳالهايو ۽ سڀني جون پُراميد نظرون هن ڏانهن کڄي ويون.

"اسڪاٽ ۽ مون شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي." جينيٽ اعلان ڪيو.

"اوهه. مان ڄاڻان ٿي ته توهين سڀ ڇا چوڻ وارا آهيو! اهو ئي ته اڃا اسان پڙهائي پوري ناهي ڪئي وغيره وغيره. پر توهان سڀني کي سمجهڻ گهرجي ته اسان ان وڏي قدم کڻڻ لاءِ تيار آهيون."

هڪ بي ڍنگي خاموشي رڌڻي جي ميز تي ڇانئجي ويئي ۽ ٿوري دير اڳ جيڪا گرمجوشي هئي سا ٻاڦ بڻجي اڏامي ويئي. اورلي ۽ اوي هڪٻئي کي خالي نظرن سان ڏٺو ۽ ايسٽر پنهنجي گلاس کي زور سان پڪڙيو. ڊيوڊ پنهنجو ڪانٽو ائين پاسي تي رکيو جڻ ڪيس وڏيڪ بک نه هجي ۽ پنهنجي پورين اکين سان تيڏي اک ڪري جينيٽ ڏانهن نهاريو.

"واهه! مون کي اميد هئي ته توهين سڀ منهنجي خوشيءَ ۾ خوش ٿيندا پر ان جي بدران ايتري تڏي موت." جينيٽ پڙڪي پئي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

"تو صرف ايترو چيو تہ تون شادي ڪرڻ واري آهين." ڊيوڊ ائين چيو ڄڻ جينيٽ کي خبر نہ هجي تہ هن ڇا چيو هو.

"ڊيڊ، مون کي خبر آهي تہ اها ٿوري تڪڙ آهي، پر اسڪاٽ مون کان پڇيو ۽ مون ها ڪري ڇڏي."

"پر ڇو؟" ايلا پڇيو.

جهڙي طرح سندس ڌيءَ ايلا ڏانهن ڏٺو ان مان صاف واضح هو تہ ڪيس ماءُ مان اهڙي سوال جي اميد نہ هئي. هن کي شايد اهو پڇڻ گهرجي ها تہ ڪڏهن يا ڪيئن يا شايد شاديءَ جي خريداري شروع ڪرڻ گهرجي ها.

ايلا جي چهري تي ڦڪي مرڪ هئي.

"اٺن مهينن ۾ تون ڪنهن مرد جي ڪردار جو ڪاٿو نہ ٿي لڳائي سگهين. تنهنجي پيءُ ۽ منهنجي شادي کي ويهہ سال ٿيا آهن، پر پوءِ بہ اسان هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي دعويٰ نٿا ڪري سگهون. ڪنهن بہ رشتي لاءِ اٺ مهينا ڪافي ناهن هوندا!"

"خدا کي سموري ڪائنات خلقڻ ۾ ڇهہ ڏينهن لڳا هئا." اوي پٽڪيو، پر سيني جي سخت نظرن کيس ٻيهر چپ رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

"مٽي، تنهنجي ماءُ جو صرف اهو مطلب هو تہ شادي ڪرڻ ۽ ائين ملاقاتون ڪرڻ بہ الڳ شيون آهن." ڊيوڊ معاملا بگڙجندي ڏٺا تہ ڌيءَ کي چيائين.

"پر ڊيڊ، ڇا توهان کي لڳي ٿو تہ اسين هميشہ ائين ئي ملندا رهنداسين." جينيٽ پڇيو.

"سنئين سڌي ڳالهہ اها آهي تہ اسين چاهيون ٿا تہ تون ان ڳالهہ کي ڇڏي ڏين. في الحال اهڙي ڪنهن رشتي ۾ ٻڌجڻ جي تنهنجي عمر ناهي." ايلا ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو.

"امي! توهان کي خبر آهي تہ مان ڇا پئي سوچيان؟" جينيٽ سخت لهجي ۾ چيو.

"توهان مون تي پنهنجا خدشا پيا مڙهيو. صرف ان لاءِ جو توهان جي شادي ننڍي عمر ۾ ٿي ۽ منهنجي عمر ۾ توهان کي هڪ ٻار ٿي ويو هو ان جو مطلب اهو ناهي تہ مان بہ ساڳي غلطي ورجائينديس."

ايلا جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ڄڻ ڪنهن کيس منهن تي چماٽ هڻي هجي. کيس چڱي ريت ياد هو تہ پهريئين ٻار مهل کيس ڪيتري مشڪل

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پيش آئي. ان جي ڪري ئي جينيٽ وقت کان اڳ ڄمي پئي هئي. ان جي پالڻا ڪيس نپوڙي ڇڏيو هو. تنهنڪري، بيوپار هن ڇهن سالن کان پوءِ ڇڏيو.

”مني، تو جڏهن اسڪاٽ سان ملڻ شروع ڪيو ته اسان کي خوشي ٿي هئي. هو هڪ سٺو ڇوڪرو آهي. پر ڪهڙي پڪ آهي ته تون پڙهائي کان پوءِ ان جي باري ۾ ساڳي سوچ رکندينءَ. ان وقت تنهنجي سوچ مٽجي سگهي ٿي.“ ڊيوڊ معاملي کي نرميءَ سان حل ڪرڻ چاهيو.

”ڇا اهو ان ڪري آهي جو اسڪاٽ يهودي ناهي؟“ جينيٽ پڇيو.

ڊيوڊ بي يقيني مان اکيون ڦيرايون. ڇو ته ڪيس پڪ هئي ته هو روشن خيال ۽ مهذب پيءُ آهي، ۽ ڪڏهن به ذات پات يا جنسي تفاوتن کي گهر ۾ گهڙڻ نه ڏنو اٿائين.

پر جينيٽ جي منهن تي بيرخي هئي.

”ڇا توهان مون کي ٻڌائيندا ته جيڪڏهن اسڪاٽ ارون نالي هڪ يهودي هجي ها ته پوءِ به توهان جو اهو ئي جواب هجي ها؟“ جينيٽ ماءُ ڏانهن نهاريندي پڇيو.

جينيٽ جي آواز ۾ رنج ۽ توڪ پريل هئي، ايلا کي ڊپ هو ته سندس ڌيءَ جي دل ۾ انهن کان به ڪجهه وڏيڪ هو.

”منڙي، مان توسان پوريءَ طرح گڏ آهيان ,توڙي جو تون ان کي پسند نه به ڪرين. مون کي اندازو آهي ته پيار ٿيندو آهي ته ڪيترو نه سٺو احساس هوندو آهي. يقين ڪر، ان لاءِ مان خوش آهيان. پر هڪ غيرمذهب ماڻهو سان شادي ڪرڻ هڪ وڏي جُوا آهي ۽ تنهنجي والدين جي حيثيت سان اسان پڪ ڪرڻ چاهيون ٿا ته تون صحيح ڪرين پئي يا نه.“ ايلا چيو.

”۽ توهان کي ڪهڙي خبر ته توهان جي ”صحيح“ منهنجي نظر ۾ به ”صحيح“ آهي؟“

ان سوال ايلا کي ٿورو منجهائي وڌو. هن ٿڌو ساهه ڀريو ۽ پنهنجي پيشاني مهٽي، جڻ سندس مٿو سور وچان ڦاٽندو هجي.

”مما، مان ساڻس پيار ٿي ڪريان . ڇا اها ڳالهه توهان لاءِ ٿوري به معنيٰ رکي ٿي؟ ڇا توهان کي اهي سِٽون ياد آهن؟ ’هن کي ڏسي منهنجي دل جي ڌڙڪن وڌي ٿي. مان هُن کان بنا زندهه رهي نه ٿي سگهان.‘“ جينيٽ شاعري ٻڌائي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ايلا پاڻ کي کلندي بڌو. سندس ارادو پنهنجي ڏيءَ جي جذبن جي مذاق اُڏائڻ جو نہ هو پر جينيٽ کي ضرور ائين ئي لڳو. خبر ناهي ڇو ايلا پاڻ کي ڏاڍو منجهيل محسوس ڪيو. هن کان اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا ٻنهي جي پاڻ ۾ تلخ ڪلامي ٿي هئي، پر هِن دفعي ائين ٿي لڳو تہ هو ڪنهن وڏي شيءِ تي بحث ڪري رهيون هيون.

”مما، ڇا توهان ڪي ڪڏهن پيار ٿيو آهي؟“ جينيٽ رڪائي مان پڇيو.

”اوهہ، مون کي ڇڏ! ڏينهن ڏٺي جو خواب ڏسڻ بند ڪر ۽ حقيقت پسند ٿي. تون صفا.... تصوراتي پئي ٿئين.“ ايلا کو ڊرامائي لفظ تي ڳالهائڻ چاهيو، پر آخر اهو لفظ چيائين.

”تصوراتي ٿيڻ ۾ ڇا غلط آهي؟“ جينيٽ بيزاريءَ مان پڇيو

واقعي، تصوراتي هئڻ ۾ ڇا غلط آهي؟ ايلا کي حيراني ٿي، ڪڏهن کان هوءَ رومانيت کان بيزار ٿيڻ لڳي هئي. ذهن ۾ متل سوالن جي آنڌ مانڌ جو ڪو جواب نہ لهندي هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکي.

”اوهہ مني! تون ڪهڙي صديءَ ۾ ٿي رهين؟ اها ڳالهہ ذهن نشين ڪري ڇڏ تہ عورت ان ماڻهوءَ سان شادي ڪونهي ڪندي، جنهن سان هوءَ پيار ڪندي آهي. وقت اچڻ تي هوءَ اهڙي ماڻهو جي چونڊ ڪندي آهي جيڪو سٺو پيءُ ۽ سٺو ورُ ثابت ٿي سگهي. پيار تہ بس هڪ مٺڙو احساس آهي، جنهن کي اچي، هلي وڃڻو هوندو آهي.“

ڳالهہ پوري ڪرڻ کان پوءِ ايلا مڙس ڏانهن ڏٺو. ڊيوڊ ميز تي ٻئي هٿ رکي زال ڏانهن ائين ڏسي رهيو هو ڄڻ اڳي ڪڏهن نہ ڏٺو هجي.

”مون کي خبر آهي توهان ائين ڇو ٿا ڪيو. منهنجي خوشي ۽ جواني کان سڙو ٿا. توهان مون کي بہ هڪ ناخوش گهريلو عورت بنائڻ چاهيو ٿا. مون کي هڪ ٻي ايلا بنائڻ پيا چاهيو، مما! توهان مون کي پاڻ وانگر ٿا بڻائڻ گهرو.“

ايلا کي عجيب احساس وڪوڙي ورتو. ڄڻ سندس پيٽ ۾ وڪڙ پئجي رهيا هئا، ڄڻ پيٽ ۾ ڪو وڏو پٿر گهمندو هجي. ڇا هوءَ هڪ ناخوش عورت هئي؟ هڪ ناڪام ماءُ، ناڪام شادي ۾ ڦاٿل؟ ڇا سندس ٻار، ور، ساهڙيون ۽ پاڙي وارا بہ کيس ان نظر سان ڏسندا هئا؟ يڪدم کيس احساس ٿيو تہ هر ڪوئي ساڻس همدرديءَ سان ملندو آهي. ان خيال کيس ايترو ٿڪائي ڇڏيو جو هن ٽڏو ساهہ ڀريو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”تو کي پنهنجي ماءُ کان معافي وٺڻ گهرجي.“ ڊيوڊ، جينيٽ کي ڪاوڙ منجهان چيو.

”خير آهي. مان معافي جي اميد نہ ٿي رکان.“ ايلا رنجيدگيءَ مان چيو.

جينيٽ ماءُ کي چڙ مان ڏسي ڪرسي پوئتي ڌڪي رومال اڇلائي رڌڻي مان نڪري ويئي.

پوءِ اورلي ۽ اوي بہ پنهنجي ڀيڻ جي حمايت ۾ يا وڏن جي ڳالهين مان بيزار ٿي هليا ويا. ان کان پوءِ آنٽي ايسٽر بہ معذرت ڪندي وات ۾ ڦوڏني جي ٽڪي چٻاڙيندي موڪلائي اٿي.

ڊيوڊ ۽ ايلا جي وچ ۾ هڪ غيرمعمولي ماٺ رهجي ويئي. ان ڪيفيت کي منهن ڏيڻ ۾ ايلا کي ڪافي مشڪل ٿي رهي هئي. ٻنهي کي خبر هئي تہ جينيٽ يا ٻئي ڪنهن ٻار جي معاملي ۾ هو مداخلت نٿا ڪري سگهن.

”تہ پوءِ ڇا مان اهو سمجهان تہ تو ان ماڻهوءَ سان شادي نہ ڪئي جنهن سان تو پيار ڪيو هو؟“ ڊيوڊ ڪانٽو کڻي ان کي گهوريندي ايلا کان پڇيو.

”ڊيوڊ، منهنجو اهو مطلب نہ هو.“

”تہ پوءِ ڇا مطلب هو؟ جڏهن اسان جي شادي ٿي هئي، مون کي لڳو هو تو کي مون سان پيار هو.“ ڊيوڊ اڃا بہ ڪانٽي ڏانهن تڪيندي ڳالهائيندي پڇيو.

”مون کي تو سان پيار هو، پر پوءِ...“ ايلا جملو اڌ ۾ ڇڏيو.

”پوءِ تو مون سان پيار ڪرڻ ڪڏهن ڇڏيو؟“ ڊيوڊ ڦڪائيءَ مان پڇيو.

ايلا، ڊيوڊ ڏانهن تعجب وچان نهاريو. ايئن ٿي پاتائين ڄڻ هو اهو شخص هجي جنهن پنهنجي اندر ۾ تہ ڪڏهن جهاتي نہ پاتي هجي پر ايلا جي اڳيان آرسي کڻي بيٺو هجي. ڇا هِن مڙس سان پيار ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو؟ اِهو سوال هن اڳ ڪڏهن بہ پاڻ کان نہ پڇيو هو. هن جواب ڏيڻ ٿي چاهيو پر وٽس همت جي نہ پر لفظن جي کوٽ هئي. اندر ئي اندر ٻنهي ڄاتو ٿي تہ ڪين ٻارن جو نہ پر پنهنجي رشتي جو فڪر ڪرڻ گهرجي. پر ان جي بجاءِ ٻئي دنيا جي ڪرت ۾ لڳي، وقت کي واريءَ جيان هٿن مان ترڪڻ ڏنو. وقت پنهنجي رواني سان گذرڻ لڳو.

اداسي جڏهن برداشت کان ٻاهر ٿي ويئي تہ ايلا روئي ڏنو. اوچتائيءَ ۾ هوءَ اُها عورت بڻجي ويئي جنهن کان هوءَ بيخبر هئي. ڊيوڊ ڪاوڙ ۾ منهن ڦيرائي ڇڏيو. ٻنهي ڄاتو ٿي تہ ايلا جو روئڻ ڪين پسند نہ هو. نہ ئي وري ايلا

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪي هنن جي اڳيان روئڻ پسند هو. خوشقسمتيءَ سان فون جي گھنٽي وڳي، جنهن کين بچايو.

ڊيوڊ فون کنئي. ”هيلو.... “جي هوءَ اتي ئي آهي. مهرباني ڪري ٿورو انتظار ڪجو.“ ايلا جي لاءِ فون هئي، ان ڪري ايلا پنهنجو پاڻ کي صحيح ڪيو ۽ فون کنئي.

”جي، ايلا پئي ڳالهايان.“ ايلا چيو.

”هاءِ، مشعل پئي ڳالهايان، موڪل جي ڏينهن توهان کي فون ڪرڻ لاءِ معذرت ٿي ڪريان.“ هڪ نوجوان عورت جو آواز فون مان گونجيو.

”چو تہ ڪالهہ اسٽيوِ چاهي پيو تہ مان توهان سان ملاڻ پر مون کان وسري ويو. ڇا توهان مليل مواد تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو؟“

”اوهہ.“ ايلا ٿڌو شوڪارو ڀريو. هاڻي ئي مٿس ذمي رکيل ڪم ياد آيو. ادبي اداري پاران کيس پهريون ڪم هڪ اڻڄاتل يورپي ليکڪ جو ناول پڙهي ان تي خلاصو لکڻو هو.

”کيس ٻڌايو تہ پريشان نہ ٿيءَ، مون پڙهڻ شروع ڪيو آهي.“ ايلا نهنائيءَ مان ڪوڙ ڳالهايو. هوءَ مشعل کي پهرين دفعي سان ئي نااميد نہ پئي ڪرڻ چاهيو.

”واهہ. تمام سٺو! ناول ڪيئن آهي؟“

ايلا واٽڙي تي چپ ٿي سوچڻ لڳي تہ ڪهڙو جواب ڏئي. هوءَ ان کان علاوه ٻيو ڪجھ نہ پئي ڄاڻي تہ اهو هڪ تاريخي ناول آهي جيڪو مشهور صوفي شاعر روميءَ بابت آهي، جنهن لاءِ هن اهو ٻڌو هو تہ کيس اسلامي دنيا جو شيڪسپيئر چيو ويندو آهي.

”اُف! اهو ڏاڍو پُراسرار آهي.“ ايلا کلندي مذاق ۾ ڳالهہ کي ٽاريو.

پر مشعل ڪم جي معاملي ۾ سنجيده هئي. ”ٺيڪ، ٻڌ، مون کي لڳي ٿو تہ توکي ان تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان قسم جي ناول تي رپورٽ لکڻ ۾ تون جيترو سمجهين ٿي_____. شايد ان کان وڌيڪ وقت لڳي.“

مشعل هاڻي شايد ٻئي ڪنهن سان ڳالهائڻ لڳي هئي. سندس آواز پري کان اچي رهيو هو. ايلا اتي ئي تصور ۾ کيس ڪم ڪار ڪندي ڏٺو. اي ميل ڏسندي، ڪجھ لکندي، سينڊوچ مان چڪ هڻندي، پنهنجي ننهن تي رنگ لڳائيندي، سڀ ڪجھ فون تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڪري رهي هئي.

”ڇا تون اڃا لائن تي موجود آهين؟“ مشعل هڪ منٽ کان پوءِ پڇيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”جي، مان آهيان.“

”صحيح، مون کي هن وقت هتي ٿورو ڪم آهي. تو کي پنهنجو ڪم ٽن هفتن ۾ مڪمل ڪرڻو آهي.“

”مان ڪري وٺنديس.“ ايلا ٽڪڙ ۾ اٿل لهجي ۾ چيو.

حقيقت ۾ ايلا کي ڪا پڪ نہ هئي تہ هوءَ ان مواد تي ڪم ڪرڻ چاهي بہ پئي يا نہ... شروع ۾ تہ ان ڳالھ جي ڪري ڏاڍو شوق ۽ اعتماد وڌيس، تہ ڪنهن اڻڄاتل ليکڪ جو اڻ ڇپيل ۽ پهريون ناول پڙهي سندس قسمت ۾ ڪو ڪردار ادا ڪرڻ همت وارو ڪم هو. پر هاڻي يقين نہ هيس تہ هوءَ تصوُف جهڙي، ڳوڙهي موضوع ۽ تيرهين صدي جي قديم وقت واري ناول تي پورو ڌيان ڏئي سگهندي يا نہ.

”ڇا ڪوئي مسئلو آهي؟“ مشعل بہ سندس هٻڪ کي سمجهي ورتو.

”تون مون تي اعتبار ڪري سگهين ٿي.“ ايلا ڪو جواب نہ ڏنو تہ هن زور پريو.

ٿوري دير خاموش رهڻ کان پوءِ هن سچ ڳالهائڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

”اهو صرف ان ڪري جو مون کي لڳي ٿو تہ مان اڄڪلھ اهڙي دماغي حالت ۾ ناهيان جو ڪنهن تاريخي ناول تي ڪم ڪري سگهان. مطلب تہ مان رومي ۽ ساٽس لاڳاپيل موضوعن ۾ دلچسپي رکان ٿي پر پوءِ بہ اهو موضوع منهنجي لاءِ جڻ اوپرو آهي. توهان ڪو ٻيو ناول ڏيو جنهن تي ڪم ڪرڻ مون لاءِ آسان هجي.“

”اهو هڪ بهانو آهي. تو کي لڳي ٿو تون انهن ڪتابن تي وڌيڪ صحيح نموني ڪم ڪري سگهين ٿي جن جي باري ۾ تون ڄاڻندي هجين؟ بلڪل بہ نہ! ڇا توهان صرف اها اميد ٿا رکو تہ توهان صرف اهي ناول ايڊٽ ڪري سگهو ٿا جيڪي مساڪسٽس ۾ ٿيندا هجن؟“ مشعل چيو.

”منهنجو مطلب اهو نہ هو....“ ايلا يڪدم چيو ۽ اتي ئي محسوس ڪيائين تہ اڄوڪي ڏينهن ۾ هن اهو جملو ڪيترا دفعا چيو هو. هن مڙس ڏانهن ڏٺو تہ مٿان ان بہ اها ڳالھ محسوس ڪئي هجي، پر ڊيوڊ جو چهرو پڙهڻ ڏکيو هو.

”اڪثر اسان اهڙا ڪتاب پڙهندا آهيون، جن جو اسان جي حياتيءَ سان ڪو تعلق ناهي هوندو. اهو اسان جي ڪم جو حصو آهي. هن ئي هفتي مون هڪ ايراني عورت جيڪا ڪوئٽو هلائيندي آهي ۽ ڪيس ملڪ ڇڏڻو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پيو. ان جي ڪتاب تي ڪم پورو ڪيو آهي. ڇا مان ان ڪي ائين چوان ها تہ هوءَ مون کي موڪلڻ جي بجاءِ ڪتاب ايراني ايجنسي کي موڪلي؟"
"نہ. بلڪل بہ نہ." ايلا پنهنجو پاڻ کي بيوقوف سمجهندي ٽڪي.
"ڇا ڏوراهين ثقافتن ۾ ماڻهن کي ڳنڍڻ هڪ سٺي ادب جي نشاني ناهي؟"
"بلڪل آهي. ٻڌو، مون جيڪو ڇيو تنهن کي وساري ڇڏيو. مقرر تاريخ اچڻ کان اڳ رپورٽ توهان جي ميز تي هوندي" ايلا مڃي ورتو. ڪيس مشعل کان ڇڙ تي تہ هن ساڻس اهڙو سلوڪ ڪيو. ڄڻ هوءَ دنيا جي موڳي ۾ موڳي انسان هجي. ڪيس پاڻ تي بہ ڪاوڙ آئي تہ هن جي اڳيان پاڻ کي ائين چو پيش ڪيائين.
"تمام سٺو. اها آهي نہ همت جي ڳالهہ. مون کي غلط نہ سمجهجانءِ، پر توکي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ڪيترائي ماڻهو اها نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ انهن مان اڌ، تنهنجي اڌ عمر جيترا آهن. اها ڳالهہ توهان ۾ جوش پيدا ڪندي" مشعل پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳالهہ ختم ڪئي.
جڏهن ايلا فون رکي تہ ڊيوڊ کي پاڻ ڏانهن تڪيندي ڏٺائين، سندس منهن تي گنڀيرتا هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ هو ان انتظار ۾ هو تہ هوءَ فون رکي تہ ان موضوع تي ٻئي ڳالهائين جتي هنن ڳالهہ ڇڏي هئي. جيڪڏهن اها پهرين پريشاني جي ڳالهہ هئي تہ ايلا پنهنجي ڌيءَ جي مستقبل تي وڌيڪ وڙهڻ نہ پئي چاهي.

☼

ڏينهن جو دير سان، هوءَ پنهنجي پسنديده آرام ڪرسي تي ويٺي نارٿ ايمپٽن جي ڳاڙهي نارنگي رنگ جي لهندڙ سج ڏانهن تڪي رهي هئي. آسمان ايترو ويجهو ۽ هيٺ ٿي لڳو ڄڻ هٿ لائي ڇُهي سگهجي ٿو. اندر ۾ متل آنڌمانڌ کان هوءَ ٿڪجي چڪي هئي. هن مهيني جي ڪريڊٽ ڪارڊ جي ادائگي، اورلي جي ڪائڻ جون سست عادتون. اوي جا خراب گريڊ ۽ سندس ڪتي جي ڪِرندڙ صحت. جينيٽ جي شادي، گهر واري جا لڪيل اسڪينڊلز. سندس زندگيءَ ۾ پيار جي ڪمي....هڪ هڪ ڪري هِن سيني ڳالهين کي ذهن جي خانن ۾ بند ڪري ڇڏيو.
ان دماغي حالت ۾ ايلا مسودو لفافي مان ٻاهر ڪڍيو ۽ هٿ ۾ جهلي ان جي وزن جو ڪاٿو لڳايو. ناول جو عنوان واڳٽائي مس سان لکيل هو: "مٺڙي گستاخي".

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ايلا کي پڌايو ويو هو تہ ليکڪ جي باري ۾ ڪنهن کي بہ ايتري ڄاڻ ڪونهي. اي زيڊ زهارا، هاليند ۾ رهي ٿو. سنڌس مسودو ايمسٽرڊم مان لفافي ۾ آيو جنهن ۾ هڪ ڪارڊ هو. ٽپال جي ڪارڊ تي ٻاهران گلابي، پيلي ۽ واڱڻائي گلِ لالہ جون تصويرون ڇپيل هيون ۽ پويان خوبصورت اکرن ۾ هڪ نوٽ لکيل هو:

پيارا سر/ميڊم

ايمسٽرڊم مان سلام.... جيڪا ڪهاڻي توهان کي موڪلي رهيو آهيان، اها تيرهين صدي نندي ايشيا قونيا ۾ گهمي ٿي. پر مان يقين رکان ٿو تہ هي سرحدن، ثقافتن ۽ صدين جا سنڌا ميساري ٿي.

اميد ٿو ڪريان تہ توهان وٽ *منٺڙي گستاخي* پڙهڻ جو وقت هوندو. هڪ تاريخي، پراسرار ناول۔واڪاڻ جوڳي، عظيم شاعر ۽ مانَ واري روحاني رهبر شمس تبريزؒ هڪ اڻچاتل، خلافِ رواج، ناموسيت ۽ ڳُجهن سان پرپور درويش.

شال محبت سدا توهان سان گڏ رهي ۽ توهان هميشہ محبت جي گهيري ۾ رهو.

اي زيڊ زهارا

ايلا اندازو لڳائي ورتو تہ ڪارڊ ادبي ايجنٽ جي تجسس کي هوا ڏني هوندي پر استيو اهڙو ماڻهو نہ هو جنهن وٽ ڪنهن نئين ليکڪ کي پڙهڻ جو وقت هجي. ان ڪري هن اهو لفافو پنهنجي اسسٽنٽ مشعل کي سونپيو. مشعل وري اهو پنهنجي نئين اسسٽنٽ کي ڏنو. اهڙي ريت "منٺڙي گستاخي" ايلا جي هٿن تائين پهتو.

ايلا اهو نٿي ڄاتو تہ اهو ناول نہ صرف ڪتاب ٽيڻ وارو آهي پر سنڌس زندگي بہ بدلائڻ وارو آهي. جڏهن هوءَ ڪتاب پڙهي رهي هوندي، ان وقت سنڌس تقدير ٻيهر لکجي رهي هوندي

ايلا پهريون پنو ورايو جنهن تي ليکڪ جي باري ۾ مختصر تعارف لکيل هو.

اي زيڊ زهارا جڏهن دنيا جو سفر نہ ڪري رهيو هوندو آهي، تڏهن ايمسٽرڊم ۾ پنهنجي ڪتابن، ٻلين ۽ ڪمين سان گڏ رهندو آهي. منٺڙي گستاخي سنڌس پهريون ۽ گهڻو ڪري آخري ناول آهي. سنڌس ناول نگار ٿيڻ جو ڪو ارادو

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪونهي ۽ هي ڪتاب هن عظيم فيلسوف، صوفي ۽ شاعر رومي ۽ سندس محبوب شمس، شمس تبريزؒ کي خراجِ تحسين ۽ محبت ۾ لکيو هو.

سندس اکيون هيٺين سِٽ ڏانهن وڌيون ۽ اتي هن ڪجهہ سڄاتل پڙهيو.

ماڻهو ڪجهہ بہ چون پر محبت فقط ڪو اهڙو پيارو احساس ناهي، جيڪو اچي ۽ جهٽ ۾ هليو وڃي.

سندس وات ڦاٽي ويو! ايلا کي لڳو تہ هي جملو ان جملي جو ضد هو جيڪو هُن ٿوري دير اڳ ميز تي پنهنجي ڌيءَ کي چيو هو. هوءَ هڪ جڳهہ تي ڄمي ويئي، ڪنهن پُراسرار قوت هيٺ ڏڪڻ لڳي. يا تہ ائين هو تہ اهو ليڪڪ، هو جيڪو بہ هوندو، مٿس نظر رکي ويٺل هو. شايد ڪيس اڳي ئي خبر هئي تہ سندس ڪتاب اڳ ڪهڙي قسم جو ماڻهو پڙهڻ وارو آهي. ليڪڪ جي ذهن ۾ ضرور هوءَ پنهنجي پڙهندڙ جي حيثيت سان هئي. خبر ناهي ڇو، ايلا ان خيال سان پريشان بہ ٿي تہ پُرجوش بہ.

ڪيترين ڳالهين جي ڪري، تيرهين صدي، ايڪويهين صدي کان گهڻو مختلف نہ هئي. ٻنهي کي تاريخ ۾ مذهبي وڳوڙن، ثقافتي غلط فهمين، بدامني ۽ ٻين جي خوف ۾ ورتل قلمبند ڪيو ويندو. اهڙي وقت ۾، محبت جي ضرورت هميشہ کان وڌي وڃي ٿي.

ٿڌي ۽ زوردار هوا پنن کي پورچ ۾ پکيڙي ڇڏيو. لهندڙ سج جو حسن اولهہ پاسي لهڻ لڳو. هوا بي رونق محسوس ٿيڻ لڳي.

ڇو تہ محبت حيات جو جوهر ۽ سبب آهي. جيئن رومي فرمايو آهي تہ "پيار هر ڪنهن کي ٿي سگهي ٿو انهن کي، جيڪي ان کان اجتناب ڪن ٿا — ۽ انهن کي بہ جيڪي ان کي صرف هڪ خيال سمجهي ڌتڪارين ٿا."

ايلا ڇرڪجي پيئي، جڏهن ائين پڙهيو هجي تہ "محبت هر ڪنهن کي ٿي سگهي ٿي، پلي اها نارٿ ايمپٽن ۾ رهندڙ وچولي عمر واري عورت ايلا روبنسٽن ئي ڇو نہ هجي."

سندس اندران جڏهن ڪو آواز آيو تہ مواد کي پاسي تي رکي، گهر اندر وڃي، مشعل کي فون ڪري ڪيس ٻڌائڻ گهرجي تہ هوءَ ان ناول تي ڪڏهن بہ رپورٽ نہ ٿي لکي سگهي. اهو ڪرڻ بجاءِ هن وڌو ساهہ کنيو ۽ پنو اٿلائي ناول پڙهڻ شروع ڪيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# منتري گستاخي

هڪ ناول

اي- زيب- زهارا

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

صوفي، عارف چوندا آهن تہ قرآن جو ڳجھ

سوره الفاتحہ ۾ رکيل آهي،

۽ سوره الفاتحہ جو ڳجھ

بِسمِ اللہ الرحمٰنِ الرحيم ۾ سمايل آهي،

۽ 'ب' اکر بِسمِ اللہ جو نچوڙ آهي،

۽ ان اکر هيٺ هڪ ٽٻڪو آهي.....

اهو هيٺيون ٽٻڪو ڪائنات کي پاڻ ۾ سموهي ٿو..

ب

مثنوي ب سان شروع ٿئي ٿي،

تيئن ئي هن ناول جا سڀ باب بہ..

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ٽوڙڻ واري انسان ۾ بدلجي ويو. اهڙي فساد ۽ انتهاپسنديءَ واري دؤر ۾، هر نسب جي ماڻهن لاءِ پنهنجا دروازا کوليندي رومي ڪائناتي روحانيت لاءِ اٿيو. ظاهري جهاد "ڪافرن خلاف جنگ" جيڪو اڄ وانگر انهن ڏينهن ۾ بہ ڪيترن ماڻهن شروع ڪيو هو، ان جي بدران، رومي باطني جهاد لاءِ ڪڙو ٿيو جنهن جو مقصد ماڻهو جي پنهنجي انا(نفس) جي خلاف جدوجهد ڪرڻ هو.

اهڙي فڪري سوچ کي قبولڻ هر ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ نہ هئي، جيئن، هر ماڻهو پنهنجي دل محبت لاءِ ناهي کوليندو. شمس ۽ رومي جي وچ ۾ اهو مضبوط رشتو ماڻهن جي ڳالهين، تهمتن ۽ حملي جو نشانو بڻجي ويو. انهن کي غلط سمجهيو ويو، ڪانئن حسد ڪيو ويو، بدنام ڪيو ويو ۽ آخرڪار کين پنهنجن ويجهن کان ئي دوکو مليو. ملڻ جي ٽن سالن کان پوءِ کين دکدائڪ طريقي سان ڌار ڪيو ويو.

پر ڪهاڻي اُتي ختم نہ ٿي ٿئي.

حقيقت ۾، پڇاڙي ڪڏهن بہ نہ ٿي. تقريباً اٺ سوٴ سالن کان پوءِ بہ، شمس ۽ رومي جا روح حيات آهن، اسان جي وچ ۾ ڪٿي نہ ڪٿي گهمندڙ.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# قاتل

سڪندريہ، نومبر 1252ع

بلڪل ڪوهہ جي تري واري پاڻي ۾ هو هاڻي مري چڪو آهي. پوءِ بہ جتي وڃان ٿو سندس پرندڙ جسم ۾ ڪتل نگاهون هر هنڌ ائين منهنجو تعاقب ڪنديون رهن ٿيون جڻ آسمان ۾ ٽنگيل بہ بدشگون تارا هجن. مان سڪندريہ ان اميد سان آيو هئس تہ ان چيريندڙ ياد کان جان آجي ڪري سگهان ۽ پنهنجي اندر گونجندڙ ان آخري رڙ کي روڪيان، جيڪا هن پنهنجي جسم مان رت نڪرڻ کان پوءِ ڪئي هئي، سندس اکيون ٻاهر نڪري وڃون هيون ۽ اٽڪپوري رڙ ۾ سندس نڙي بند ٿي ويئي هئي. هڪ زخمي ماڻهوءَ جي موڪلاڻي. جار ۾ ڦاتل بگهڙ جي اونائي.

جڏهن توهان ڪنهن جو قتل ڪيو ٿا، ان ماڻهوءَ مان ڪا شيءِ توهان ۾ منتقل ٿئي ٿي— ڪا آهہ، ڪا بوءِ يا ڪو اشارو. مان اِن کي ”مقتول جي بددعا“ چوندو آهيان. اها توهان جي جسم سان چنبڙي، چمڙيءَ مان گهڙي دل تائين رسي ڳڙندي رهي ٿي ۽ ڪيس پنهنجو مسڪن ٺاهي ٿي. گهڻي ۾ جيڪي ماڻهو مون کي ڏسندا آهن، اهي ان ڳالهہ کان اڻ واقف آهن. پر مان انهن سيني ماڻهن جا نشان ساڻ ڪنيو ٿو وتان، جن کي مون ماريو آهي. انهن سيني کي ڪنهن غيبي هار وانگر ڳچيءَ ۾ پايو پيو وتان، پنهنجي گوشت اندر سندن موجودگي جو تنگ ۽ سخت گهيرو محسوس ڪريان ٿو. جيتوڻيڪ اهو احساس بيچين ڪندڙ آهي پر مان ان بار جو عادي ٿي ويو آهيان ۽ ان بار کي پنهنجي ڪم جو حصو تسليم ڪري ڇڏيو اٿم. جڏهن کان قابيل، هابيل کي قتل ڪيو آهي، هر قاتل ۾ مقتول ساهہ ڪڻي ٿو، مان ايترو ڄاڻان ٿو. اها ڳالهہ مون کي پريشان نہ ٿي ڪري، گهڻو نہ! پر پوءِ، چو ان آخري واقعي مون کي ڏوڏي ڇڏيو آهي؟

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هن دفعي منڊ کان ئي هر شيءِ متبل هئي. جهڙي طرح مون کي ڪم مليو ان ڳالهہ جو ئي مثال وٺي وٺو يا مان ائين چوان تہ ڪم مون کي ڳولهيو؟ 1248ع جي بهار جي شروعات ۾، قونيہ جي هڪ ڪوٺي تي هڪ پيشہ ور خواجہ سرا جيڪو پنهنجي ڪاوڙ ۽ غضب جي ڪري مشهور هو تنهن وٽ ڪم ڪري رهيو هئس. طوائفن تي نظر رکي کين ضابطي ۾ رکڻ ۽ جيڪي گراهڪ صحيح نہ هلندا هئا تن کي دابي ۾ رکڻ جو ڪم مون تي هو.

اهو ڏينهن مون کي چٽي طرح ياد آهي جڏهن مان هڪ طوائف کي ڳولهي رهيو هئس، جيڪا خدا جي تلاش ۾ اتان ڀڄي ويئي هئي. هوءَ هڪ خوبصورت جوان عورت هئي، ڪنهن حد تائين منهنجي دل ٽٽل هئي، ڇو تہ مون سوچي رکيو هو تہ ڪيس پڪڙي، سندس چهرو ايترو بگاڙينداس جو ٻيو ڪو مرد هن ڏانهن ڪڏهن نهارڻ بہ پسند نہ ڪندو. مان ان بيوقوف عورت کي پڪڙڻ وارو ئي هئس تہ پنهنجي دروازي جي چانئٺ تي هڪ پراسرار خط مليم. مان پڙهڻ ڪو نہ ڄاڻندو هئس، ان ڪري اهو خط مدرسي ڪٺي ويس جتي هڪ شاگرد کي پئسا ڏئي اهو خط پڙهايم.

”ڪجهہ سچن معتقدن“ جي مهرن سان اهو هڪ گمنام خط نڪتو.

> ”اسان ڪجهہ قابلِ اعتبار ذريعن کان ٻڌو آهي تہ تون ڪٿان آيو آهين ۽ اصل ۾ تون ڪير آهين.“ خط ۾ لکيل هو.”قاتلن جو هڪ پراڻو رڪن! اسين اهو پڻ ڄاڻون ٿا تہ حسن صباح جي موت ۽ تنهنجي اڱواڻن جي قيد ٿيڻ کان پوءِ توهان جي تنظيم ۾ قوت پئجي ويئي آهي. سزا کان بچڻ لاءِ تون روپوش ٿي قونيہ آيو آهين.“

خط ۾ لکيل هو تہ ڪنهن اهم ڪم لاءِ منهنجون خدمتون گهربل آهن. ان ۾ يقين ڏياريو ويو هو تہ مون کي خاطرخواهہ ادائگي ڪئي ويندي. رضامنديءَ جي صورت ۾ ان شام سج لٿي کان پوءِ مون کي مشهور مئہ خاني ۾ حاضر ٿيڻو هو. اُتي پهچي، مون کي دري جي پرسان واري ميز تي دروازي ڏانهن پٺ ڪري، ڪنڌ هيٺ جهڪائي ۽ پنهنجون اکيون فرش تي ڄمائي ويهڻ جو حڪم ڏنل هو. جلد ئي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ

Kutab Khano | Whatsapp Library | Admin: Ameer Adnan | 00923337516944 | www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ماڻهو اچي مون کي ڪم ڏسيندا. اهي مون کي تمام ضروري ڄاڻ فراهم ڪندا. ان سڄي دورانيئي ۾ مون کي ڪنڌ مٿي ڪري سندن منهن ڏسڻ جي اجازت نہ هئي.

اهو هڪ عجيب خط هو. پر پوءِ وري اهو. تہ مان ماڻهن جي وهم و گمانن کي منهن ڏيڻ جو عادي هئس. سالن کان الائي ڪيترن قسمن جي ماڻهن لاءِ ڪم ڪيو هيم. انهن مان گهڻا پنهنجا نالا راز رکڻ چاهيندا هئا. پنهنجي تجربن مون کي اهو سيکاريو هو تہ گراهڪ جيترو پاڻ کي لڪائڻ چاهيندو آهي، اوترو ئي هو شڪار جي ويجهو ٿيندو ويندو آهي. پر ان جي پنيان ڪهڙو سبب آهي اِهو ڄاڻڻ منهنجو ڪم نہ هو. منهنجو ڪم مارڻ هو. ڪيئي سال اڳ جڏهن مون الاموت ڇڏيو هو. پنهنجي لاءِ مون هي زندگي چونڊي هئي.

مان ورلي ئي ڪي سوال پڇندو آهيان. ڀلا پُڇان بہ ڇو؟ جن سان مان مليو آهيان. انهن مان ڪيترن ماڻهن وٽ ڪوئي نہ ڪوئي هڪ ماڻهو هوندو آهي، جنهن مان هو جان ڇڏائڻ چاهيندا آهن. اصل ۾ هو جيڪڏهن پاڻ ڪجهہ نہ ٿا ڪن تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ هو ڪنهن کي مارڻ جي خواهش کان آزاد آهن. حقيقت ۾، ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن هر ڪوئي ڪنهن نہ ڪنهن کي قتل ڪندو. ماڻهو اهو تيستائين نہ ڄاڻندا آهن جيستائين ساڻن پاڻ سان ڪجهہ اهڙو نہ ٿو ٿئي. اهي سمجهندا آهن تہ اهي ڪنهن کي قتل نہ ٿا ڪري سگهن. پر اهو صرف اتفاق آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندن ڪاوڙ کي ڀڙڪائڻ لاءِ هڪ اشارو ئي ڪوڙ هوندو آهي. هڪ سوچيل سمجهل غلط فهمي، بنا ڪارڻ تڪرار، يا ڪڏهن غلط وقت تي غلط جڳهہ تي هجڻ ڪنهن مهذب ماڻهو کي تباهي جي ڪناري تي آڻي سگهي ٿو. قتل تہ ڪوئي بہ ڪري سگهي ٿو. پر هر ڪوئي ڪنهن اڻڄاتل ماڻهو کي بيرحميءَ سان نہ ٿو ماري سگهي ۽ اتي ئي منهنجو ڪردار شروع ٿئي ٿو.

مون ٻين جا بچڙا ڪم ڪيا. ايستائين جو جڏهن هُن عزرائيل (موت جي فرشتي) کي ساهہ ڪيڍڻ لاءِ مقرر ڪيو تہ قدرت کي بہ پنهنجو نظام هلائڻ لاءِ مون جهڙي جي ضرورت پئي. اهڙي ريت ماڻهو ان فرشتي کان ڏجن ٿا، ڪانئس نفرت ڪن ٿا ۽ ڪيس پٽون پاراتا ڏين ٿا. جڏهن تہ سندس

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هٿ صاف ۽ دامن بيداغ آهي. اهو ان فرشتي سان انصاف ناهي. پر پوءِ وري اها ڳالهہ، تہ هي دنيا پنهنجي انصاف لاءِ ڪٿي تي سجاتي وڃي؟

جڏهن اونداهي ڇانئجي ويئي تہ مان مئہ خاني هليو ويس. دري جي پرسان واري ميز تي داغيل منهن سان هڪ شخص ويٺو هو جيڪو ننڊ ۾ ٿي لڳو. مون سوچيو تہ ڪيس چوان تہ ٻي ڪنهن جڳهہ تي وڃي ويهي، پر شرابي جي ڪا خبر نہ هوندي آهي تہ هو جواب ۾ ڪهڙو سلوڪ ڪندو ۽ مون کي محتاط بہ رهڻو هو ۽ ماڻهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائڻو نہ هو. تنهنڪري مان پرسان واري ميز تي دري ڏانهن منهن ڪري ويٺس.

ٿوري دير ۾ ٻہ ماڻهو پهتا. ٻئي منهنجي پاسي کان اٿين ويٺا جو مان سندن منهن نہ ڏسي سگهان. مون کي هنن ڏانهن ڏسڻ جي ۽ اهو ڄاڻڻ جي ضرورت نہ هئي تہ سندن عمر ڪيتري هئي ۽ جيڪو قدم هو کڻڻ وارا هئا. ان لاءِ هو ڪيترا تيار هئا.

”اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ تون بهترين آهين. توکي چونڊيو ويو آهي.“ انهن مان هڪڙي چيو. سندس لهجو ايترو چوڪس نہ پر مشڪوڪ هو.

اهو ٻڌڻ ۾ مزاحيہ پئي لڳو. پر مون پنهنجي کل دٻائي. مون ڀانيو تہ هو مون کان ڊنل هئا جيڪا منهنجي لاءِ سٺي ڳالهہ هئي. جيڪڏهن اهي ڊنل هئا تہ اهي مون سان ڪجهہ غلط ڪرڻ جي همت نہ پئي ڪري سگهيا.

”جي، مان خوبتر آهيان. ان ڪري ئي مون کي ٻگهڙن جو سردار چيو ويندو آهي. پلي ڪيترو بہ مشڪل ڪم هجي، مان پنهنجي اصيل کي نااميد ناهيان ڪندو.“ مون چيو.

”صحيح. چو تہ هي ڪم بہ متان آسان نہ هجي.“ هُن شوڪارو پري چيو.

هاڻي ٻئي ڳالهايو. ”ڏس، هڪ ماڻهو آهي جنهن پنهنجي لاءِ پاڻ ئي ڏاڍا دشمن پيدا ڪيا آهن. جڏهن کان هن شهر ۾ آيو آهي، مصيبتن کان علاوه ڪجهہ نہ آندو اٿائين. اسان ڪيس ڪيترا ئي پيرا خبردار ڪيو آهي، پر سندس ڪن تي ڪا جونءِ بہ نہ ٿي چُري. هو وڌيڪ تڪراري پيو ٿيندو وڃي. هِن اسان لاءِ ٻيو ڪو رستو نہ ڇڏيو آهي.“

هميشہ اٿين ئي ٿيندو آهي. هر دفعي، سودو ڪندڙ منهنجي اڳيان اٿين صفائي پيش ڪندو آهي. جڻ منهنجي رضامندي سندن ڪرتوتن جو اثر گهٽائي سگهندي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

"مان سمجهان ٿو توهان ڇا ٿا چئو. ٻڌايو اهو شخص ڪير آهي؟" مون پڇيو.

نالو ٻڌائڻ جي بدران هو ارها تي پيا ۽ مبهم نمونې ان جو ذڪر ڪرڻ لڳا:

"هو هڪ ڪافر آهي، جنهن جو اسلام سان ڪو تعلق ڪونهي. ناموسيت ۽ ڪفر سان ڀرپور هو هڪ سرڪش ماڻهو آهي. هڪ آواره درويش."

جيئن ئي مون اهي آخري لفظ ٻڌا، منهنجي ٻانهن ۾ سياندڙي اڀري ويئي. دماغ ڦرڻ لڳو. نوجوان، پوڙها، مرد ۽ عورت، مون هر قسم جي ماڻهن جو خون ڪيو آهي، پر هڪ درويش، ايمان وارو ماڻهو انهن ۾ ڪڏهن نہ هو. منهنجو پنهنجو بہ هڪ ڀرم هو ۽ مون خدا جي قهر کي سڏڻ نہ ٿي چاهيو. ڪجهہ بہ هو پر مان اڃا بہ هُن تي يقين رکان پيو.

"مان اهو معاهدو ختم ٿو ڪريان. مون کي نہ ٿو لڳي تہ مان ڪنهن درويش جو انت آڻي سگهان. توهان ٻئي ڪنهن کي ڳولهيو."

اهو چئي، مان اُٿيس. پر انهن مان هڪڙي ماڻهو منهنجو هٿ پڪڙي عاجزي سان چيو.

"ٿورو ترس، ادائگي تنهنجي ڪارڪردگي مطابق ادا ڪئي ويندي جيڪو تنهنجو معاوضو هوندو، اسان ان کي ٻيڻو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون."

"ٽيڻو ڪرڻ جو ڇا خيال آهي؟" مون ان ڪري چيو جو مون کي اندازو هو تہ هو ان جي قابل نہ هوندا.

پر منهنجي حيرت وڌي ويئي جڏهن ٿوري جهجهڪ کان پوءِ هو راضي ٿي ويا. حيران ٿيندي مان واپس پنهنجي نشست تي ويٺس. آخرڪار، مان ايترن پئسن مان هڪ ڪنوار خريد ڪري شادي ڪري ۽ پنهنجي خرچ پکي لاءِ پريشان ٿيڻ بند ڪري سگهيس ٿي. درويش يا ڪير بہ، ايتري ملهہ لاءِ تہ ڪنهن کي بہ مارڻ جائز هو.

ان وقت مان اهو ڪيئن پيو ڄاڻي سگهان تہ مان زندگي جي وڏي ۾ وڏي غلطي ڪري رهيو آهيان ۽ پنهنجي باقي زندگي ان پڇتاءَ جي باهہ ۾ سڙندي گذاريندس؟ مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ ڪنهن درويش کي مارڻ ايترو ڏکيو هوندو ۽ مرڻ جي ايتري عرصي کان پوءِ بہ سندس ڇيريندڙ اکيون هر هنڌ منهنجي پويان رهنديون.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جڏهن اڱڻ ۾ مون کيس خنجر هٿي کوهہ ۾ اڇليو هو ۽ سندس پاڻي سان ٽڪرائڻ جي آواز جي انتظار ۾ هئس جيڪو ڪڏهن بہ نہ آيو. ان کي چار سال گذري ويا آهن. ڪو آواز نہ ٿيو هو. ائين ٿو لڳي ڄڻ هيٺ پاڻيءَ ۾ ڪِرڻ جي بدران مٿي آسمان ڏانهن اڇليو ويو هجي. اڃا تائين مان پوائتا خواب ڏسڻ بنا سمهي نہ سگهندو آهيان. ۽ ڪتي بہ پاڻيءَ کي ٿوري دير لاءِ بہ ڏسان تہ هڪ موتمار خوف ۾ وڪوڙجي ويندو آهيان.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# حصو پهريون

## ڏرتي

اهي شيون جيڪي قائم،

جذب ٿيل ۽ ساڪن آهن.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# شمس

سمرقند جي ٻاهران هڪ سراءِ، مارچ 1242ع

بتي جي ٻرندڙ ٻاهه. ميڻ کي هوري هوري ڳاري رهي هئي. ڪاٺ جي ميز تي رکيل ان ميڻ بتيءَ کي مان گهوري رهيو هئس. پر منهنجي اکين اڳيان اهو منظر واضح هو جنهن شام کان مون کي گهيري رکيو هو.

ٻور جهليل پيلن گلن سان ڀريل اڱڻ وارو هڪ وڏو گهر، ۽ ان جي وچ ۾ دنيا جي سڀ کان وڏيڪ ٿڌي پاڻي وارو کوهه. اها خزان جي هڪ خاموش رات هئي، جنهن ۾ چنڊ پنهنجي جوڀن جا مزا ماڻي رهيو هو. پس منظر ۾ رات جي جانورن جون هوڪارون ۽ اونائيون اچي رهيون هيون. ٿوري دير ۾ شفيق چهري، ويڪري ڇاتي ۽ پورين گهرين اکين وارو هڪ شخص گهر جي اندران مون کي ڳولهيندو ٻاهر نڪتو. هو بيچين هو ۽ سندس اکين مان اداسي ليئا پائي رهي هئي.

"شمس، شمس، تون ڪٿي آهين؟" دانهون ڪندي هو ديوانن وانگر هر طرف ڳولهڻ لڳو.

هوا تيز ٿيڻ لڳي. چنڊ ڪڪرن پويان ائين لڪي پيو، ڄڻ هو اِهو وارو منظر نه پيو ڏسڻ چاهي. چِبرن پنهنجون هوڪارون بند ڪري ڇڏيون ، چمڙن پَرَ ڦڙڪائڻ بند ڪري ڇڏيا ۽ ايتريقدر جو گهر اندر ٻرندڙ ٻاهه به جَهڪي ٿي رهي هئي. ڌرتيءَ تي لامحدود سڪوت طاري ٿي ويو هو.

اهو ماڻهو هوريان هوريان کوهه وٽ اچي جهُڪيو ۽ هيٺ نهاريائين.

"شمس، منهنجا مٺا." هن سرگوشي ڪئي. "ڇا تون اتي آهين؟"

مون جواب ڏيڻ لاءِ چپ چوريا، پر منهنجي چپن مان ڪو آواز نه نڪتو.

کوهه ۾ اندر ڏسڻ لاءِ هو وڌيڪ هيٺ جهڪيو. پهريون ته هو کوهه جي اونداهيءَ کان سواءِ ڪجهه ڏسي نه سگهيو. پر پوءِ هيٺ، کوهه جي تري ۾ ڪيس تيز طوفان ۾ لڏندڙ ڪمزور تاڪ وانگر کوهه جي ڇولين ۾ بي مقصد

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڦرندڙ منهنجو هٿ نظر آيو. ان کان پوءِ هن گهرن ڪارن بادلن مان نڪرندڙ چنڊ ڏانهن نهاريندڙ ٻن نيڻن کي سجاتو___ ٻہ چمڪندڙ پٿر. منهنجون اکيون چنڊ کي ائين تڪي رهيون هيون ڄڻ آسمانن کان منهنجي قتل جو جواب طلبي رهيون هجن.

اهو ماڻهو گوڏن ڀر ڪِريو ۽ روئيندي پنهنجي سيني تي ماتم ڪرڻ لڳو. ”انهن هِن کي ماري ڇڏيو. انهن منهنجي شمس کي ماري ڇڏيو!“ هُن دانهون ڪيون.

ان کان پوءِ ٻُوڙن مان هڪ پاڇو ظاهر ٿيو جيڪو ڪنهن جهنگلي ٻلي جيان باغيچي جي پٽ ٽپي ويو پر ان ماڻهو قاتل کي نہ ڏٺو. درد ۾ پيڙا ڪيس وڪوڙي ورتو هو. هو رڙندو رهيو ۽ تيستائين رڙندو رهيو جيستائين سندس آواز شيشي وانگر ڀجي ڀورا ڀورا ٿي رات ۾ پکڙجي نہ ويو.

”تون ڪير آهين! چرين وانگر رڙيون ڪرڻ بند ڪر.“

”اهي خوفناڪ آواز بند ڪرين ٿو يا تو کي لت هڻان!“

”....“

”چوانءِ ٿو ماٺ ڪر! ٻڌين پيو؟ ماٺ ڪر!“

اهو هڪ مرداڻو آواز هو، جنهن رڙيون ڪري مون کي ڏمڪائيندي چيو هو. مون اهو سڀ نہ ٻڌڻ جو ڍونگ ڪيو. ڇو تہ مون اڃا ٿوري دير ان خيال ۾ رهڻ پئي چاهيو. پنهنجي موت جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻڻ ٿي چاهيم. ان اداس نيڻن واري ماڻهو کي ٻِڌ ڏسڻ ٿي چاهيم. اهو ڪير هو؟ سندس مون سان ڪهڙو ناتو هو ۽ خزان جي ان رات ۾ هو مون کي ڇو ڳولهي رهيو هو؟

ان کان اڳ جو مان پنهنجي ان الهام ۾ ٻيهر ڏسي سگهان، ڪنهن منهنجي ٻانهن کي ايترو زور سان لوڏيو جو پنهنجي وات اندر ڏندن کي ٽڪرائجندي محسوس ڪيم. ان جهٽڪي مون کي هن دنيا ۾ واپس آندو.

آهستي آهستي اکيون کوليم تہ هڪ شخص کي ڀر ۾ بيٺل ڏٺم. قداور ۽ ڀريل ٻُت واري ان ماڻهوءَ جي ڏاڙهي سفيد ۽ گهاٽا ونيل شهپر هئا. مون سڃاڻي ورتو هو اُن سِراءِ جو مالڪ هو جتي مان ترسيل هئس. پر يڪدم مون هن جي باري ۾ ٻہ ڳالهيون محسوس ڪيون: هڪ تہ هو ماڻهن کي ڏمڪائڻ ۽ انهن سان وڙهڻ جو عادي هوءِ پيو تہ هن وقت هو ڪاوڙ ۾ هو.

”ڇا ٿو چاهين؟ منهنجي ٻانهن ڇو ٿو ڇڪين؟“ مون پڇيو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”مان ڇا ٿو چاهيان؟“ سِراءِ راڪو گجندڙ آواز ۾ چيو. ”مان چاهيان ٿو ته تون دانهون ڪرڻ بند ڪر. مان اهو ئي چاهيان ٿو. تون منهنجي گراهڪن کي ڊيڄاري ڀڄائي رهيو آهين.“

”واقعي؟ ڇا مان واقعي دانهون ڪري رهيو هئس؟“ مان ٽِڪيس ۽ پنهنجو پاڻ کي سنڌس گرفت مان آجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم.

”شرط رک، تون دانهون ڪرين پيو! ان رڇ وانگر ڪوڪون ڪري رهيو هئين، جنهن جي چنبي ۾ ڪنڊو چڀيل هجي. تو کي ڇا ٿيو هو؟ ڇا ماني کائيندي توکي ننڊ اچي ويئي هئي؟ تو ضرور ڪو برو خواب ڏٺو هوندو يا ٻيو ڪجھ.“

مون ڄاتو پئي ته اها ظاهري صفائي هوندي، ۽ جيڪڏهن مان ان ڳالھ تي بيٺس ته سِراءِ راڪو مطمئن ٿي منهنجي جان ڇڏيندو. پر پوءِ به مون ڪوڙ نه ٿي ڳالهائڻ چاهيو.

”نه ياءِ، مان ننڊ ۾ ڪو نه آهيان، نه ئي ڪو برو خواب ڏٺو آهي. اصل ۾ مون ڪڏهن خواب نه ڏٺا آهن.“ مون چيو.

”پوءِ تون انهن رڙين کي ڪيئن بيان ڪندين؟“ هُن ڄاڻڻ ٿي چاهيو.

”مون کي ڏيکاري ايندي آهي ۽ اها خواب کان الڳ شيءِ آهي.“

هن مون ڏانهن ناسمجهيءَ واري انداز ۾ ڏٺو ۽ ڪجھ دير پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندو رهيو. نيٺ هن چيو. ”اتي جي ڪوٺي ۾ جيئن چريا ڪوئا هجن، اوهين درويش ائين چريا آهيو. خاص ڪري اوهين رولو قسم جا درويش، سڄو ڏينهن ٽپندڙ سج هيٺ بڪون ڪاتي عبادتون ڪندا. گهمندا وتندا آهيو. اوهين اهڙا خواب ڏسو ان ۾ ڪا حيرت ناهي_ توهان جو دماغ پڪل هوندو آهي!“

مون مرڪيو. هو صحيح ٿي سگهيو پئي. چوندا آهن ته مخبوط الحواس ٿيڻ ۽ فنا في الله (الله لاءِ فنا ٿيڻ) جي وچ ۾ بس هڪ سنهو پردو هوندو آهي.

ان کان پوءِ به ملازم ڇوڪرا ٻڪري جي سِڄي، سيبيل مڇي، گوشت، ڪيڪ، ڪوفتا ۽ دُنبي جي چربي سان مسور جي دال جي يخني سان ڀريل وڏو ٿالھ کڻي آيا. بصر، ٿوم ۽ مصالحن جي خوشبو هال ۾ پکيڙيندي اهي هال ۾ ويٺل ماڻهن کي کاڌو پيش ڪرڻ لڳا. اهي منهنجي ميز جي ڀرسان بيٺا، مون گرم گرم يخني جو پيالو ۽ ڪڙڪ ماني کنئي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”ڇا انهن لاءِ تو وٽ پئسا آهن؟“ سِراءِ جي راڪوءَ سختيءَ سان پڇيو.

”نہ، ڪونهن.“ مون وراڻيو. ”پر ان ڪاڏي ۾ ڪمري جي بدلي ۾ مون کي ڪجھ مِتاستا ڪرڻ جي اجازت ڏي. مان تنهنجي خواب جي تعبير ٻڌائي سگهان ٿو.“

ڍاڳُن تي هٿ رکي هن مون ڏانهن حقارت منجهان ڏٺو. ”تو هاڻي ئي ٻڌايو تہ تو ڪڏهن خواب ناهن ڏٺا.“

”اهو صحيح آهي. مان هڪ شارح آهيان. جنهن وٽ پنهنجا ڪي بہ خواب ناهن.“

”مون چيو نہ تہ اوهين درويش چريا هوندا آهيو. مان توکي هتان ڪيڏي ٻاهر اڇلي سگهان ٿو.“ سِراءِ راکو ڪاوڙ مان چيو. ”مان توکي هڪ صلاح ٿو ڏيان: مون کي خبر ناهي تہ تنهنجي عمر ڇا آهي، پر ايتري پڪ آهي تہ تون پنهي جهانن لاءِ ڪافي عبادت ڪري چڪو هوندين. ڪا سٺي عورت ڳولھ ۽ پنهنجو گهر وَساءِ ٻار ٻچا پيدا ڪر. ان سان تنهنجا پير زمين تي ٽڪيا رهندا. دنيا ۾ گهمڻ ڦرڻ جو ڪهڙو فائدو جڏهن تہ هر جڳھ تي ساڳيون ئي پريشانيون آهن؟ يقين ڪر. ڪٿي ڪجھ بہ نئون ناهي. دنيا جي ڏورانهن هنڌن تان مون وٽ گراهڪ ايندا آهن. ڪجھ جام پيئڻ کان پوءِ سيني جي واتان ساڳيون ڪهاڻيون ٻڌندو آهيان. هر جڳھ تي هڪجهڙا ماڻهو آهن. ساڳيا ڪاڏا، ساڳيو پاڻي، ساڳيا پراڻا قصا.“

”مان ڪنهن مختلف شيءِ جي ڪوج ۾ ناهيان. مان خدا جي ڳولها ۾ آهيان. منهنجي تلاش خدا جي تلاش آهي.“ مون چيو.

”پوءِ تون ڪيس غلط جڳھ تي پيو ڳولهين.“ هُن يڪدم چيو. سندس آواز گهگهو ٿي ويو.

”خدا هي جڳھ ڇڏي چڪو آهي! اسان کي خبر ناهي تہ هو ڪڏهن واپس ايندو.“

اهو ٻڌي منهنجي دل ۾ جڻ ڪو ڏک لڳي ويو. ”جڏهن ڪو ماڻهو خدا لاءِ غلط ڳالهائيندو آهي، ائين سمجهيو تہ هو پنهنجو پاڻ لاءِ غلط ڳالهائيندو آهي.“ مون چيو.

سراءِ راکي جي چپن تي هڪ زهريلي مرڪ اچي ويئي. سندس مک تي رنج وعداوت جا تاثر ۽ ڪجھ ٻاراڻو ناراضپو نمايان هو.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”ڇا خدا نہ ٿو چوي تہ. مان توهان جي شھ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجھو آهيان؟ خدا ڏور ڪٿي آسمانن ۾ نہ ٿو رهي. هو اسان مان هر هڪ ۾ هر ڪنهن جي اندر ۾ رهي ٿو. ان ڪري هو اسان کي ڪڏهن بہ نہ ٿو ڇڏي. هُو پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿو ڇڏي سگهي؟“ مون پڇيو.

”پر هو ڇڏي ٿو ڏي، جيڪڏهن خدا هتي آهي ۽ اسان کي مشڪل ۾ ڏسندي هُو هڪ آڱر بہ نہ ٿو چوري، تہ ان ڳالھ جو ڇا مطلب ٿيو؟“ سراءِ راکي جي اکين ۾ سرد مهري ۽ بي پرواهي پرجي آئي.

”اهو ئي تہ پهريون اصول آهي منهنجا ياءُ،“ مون چيو. ”جنهن نظر سان اسان خدا کي ڏسون ٿا، اهو اسان جو پنهنجو سڌو سنئون عڪس آهي. جيڪڏهن خدا جو تصور اسان جي ذهن ۾ خوف ۽ شڪايت آڻي، تہ ان جو مطلب اسان جي اندر بيحد پوست ۽ بدگمانيون پلجي رهيون آهن. جيڪڏهن اسان خدا کي محبت ۽ مهر سان ڀرپور ڏسون ٿا، تہ اسين پاڻ بہ اهڙا ئي آهيون.“

سراءِ راکي يڪدم اعتراض واريو پر اهو صاف ظاهر هو تہ منهنجي لفظن کيس اچرج ۾ وڌو هو. ”ڇا اهو ان کان مختلف آهي تہ خدا اسان جي تصور جي حاصلات آهي؟ مون کي سمجھ ۾ نہ آيو.“

منهنجي جواب ڏيڻ کان اڳ هال جي پويان هڪ ٺهڪو ٿيو. اوڏانهن متوجہ ٿيڻ کان پوءِ خبر پئي تہ ٻہ شرابي وڦلي رهيا هئا. بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ٻين گراهڪن کي ڌمڪائي ڪانئن ڪاڏو ڦري، سندن پيالن مان جام پي رهيا هئا. ۽ جنهن احتجاج ڪيو ٿي، انهن تي ڪنهن نوجوان ڇوڪرن وانگر ڪلي ٺوڪون ڪري رهيا هئا.

”ڪنهن کي انهن فسادين کي روڪڻ گهرجي. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ هاڻي مون کي ڏسجانءِ!“ سراءِ راکو ڪاوڙ مان ڏند ڀڪوڙيندي چيو.

هڪ جهٽڪي ۾، هال جي پڇاڙي تائين پهچي، هڪڙي شرابيءَ کي ڪرسيءَ تان ڇڪي منهن واري مُڪ هنيائين. ان ماڻهوءَ کي اهڙي حملي جي اميد نہ هئي، جو هو ڪنهن خالي ٻوري جيان پَٽ تي ڪِري پيو. سندس وات مان هڪ ننڍڙي رڙ نڪتي، بس ٻيو ڪجھ بہ نہ.“

ٻيو ماڻهو هِن کان وڌيڪ طاقتور ثابت ٿيو ۽ سراءِ مالڪ جي منهن مقابل ٿيو. پر ان کي بہ ڪيرائڻ ۾ سراءِ راکي کي گهڻو وقت نہ لڳو. هن پنهنجي

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سرڪش گراهڪ جي پاسريءَ ۾ لت هڻئي ۽ پوءِ سندس هٿ کي پنهنجي ڳري بوٽ هيٺ چيپاٽيو. اسان سندس هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ آڱرين جي ڀڄڻ جو آواز ٻڌو.

”بس ڪر!“ مون رڙ ڪئي. ”تون هن کي مارڻ وارو آهين. ڇا تون ڪيس مارڻ ٿو چاهين؟“

بحيثيت صوفي، مون وچن ڪيو هو تہ زندگيءَ جي حفاظت ڪندس ۽ ڪو نقصان نہ ڪندُس. هن فريبي دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو بي سبب وڙهيا، ۽ ڪيترائي وري ڪنهن سبب جي ڪري وڙهيا. پر اهي صوفي ئي آهن جيڪي سبب هوندي بہ نہ وڙهيا. ڪو سوال ئي نہ هو جو مان فساد جي جڙَ بڻجان. پر مان سراءِ راکي ۽ گراهڪن کي ٽڏو ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي کان پري رکڻ لاءِ وچ ۾ اچي سگهيس ٿي.

”تون پري ٿيءُ درويش، نہ تہ مان تو کي بہ ماري ٻاهر اڇلائي ڇڏيندس.“ سراءِ راکي رڙ ڪئي، پر اسان ٻنهي کي خبر هئي تہ هو ائين نہ ڪندو.

هڪ منٽ کان پوءِ جڏهن ملازمن ٻنهي گراهڪن کي ٻاهر ڇڏيو تہ هڪ جي آڱر ڀڳل هئي تہ ٻئي جونڪ ۽ هر جڳهہ تي رت پکڙيل هو. هال ۾ هڪ ڀيانڪ ماٺ ڇانئجي ويئي. پنهنجي طاقت تي پڌرجندي، سراءِ راکي مون کي تيڏي اک سان ڏٺو. جڏهن هن ٻيهر ڳالهايو، ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هو اردگرد سيني کي خطاب ڪري رهيو هجي. سندس آواز آسمان ۾ اڏندڙ ڪنهن خونخوار پکيءَ جيان گونجي رهيو هو.

”ڏٺئي درويش، هميشہ ائين ناهي هوندو. جهيڙو ڪرڻ منهنجو ڪم نہ هو، پر هاڻي ٿي ويو آهي. جڏهن خدا اسان سيني ڏرتي وارن کي وساري ڇڏيندو آهي، تہ اختلاف ختم ڪري، انصاف بحال ڪرڻ اسان عام مخلوق جو ذمو هوندو آهي. تنهنڪري، ٻيهر جڏهن ان سان ڳالهائين تہ ڪيس ٻڌائجانءِ، ان کي بہ خبر هجي تہ جڏهن هو رڍ جي ليلڙن کي ڇڙواڳ ڇڏي ٿو تہ هو آسانيءَ سان قربان نہ ٿيڻ چاهيندا آهن، اهي بگهڙن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن.“

مان جلدي هُن ڏانهن مُڙيس. ”تون غلط پيو چوين___!“

”ڇا مان اهو غلط پيو چوان تہ مان ڪڏهن رڍ جو ليلڙو هئس ۽ هاڻي بگهڙ ٿي ويو آهيان؟“

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”نہ، تو کي حق آهي. مان ڏسي سگهان ٿو تہ تون بگهڙ ٻڌجي ويو آهين. پر تون اهو غلط پيو چوين تہ تون انصاف پيو ڪرين.“

”ترس، اڃا مون ڳالهہ ختم ڪونهي ڪئي!“ سراءِ راکو منهنجي پويان رڙ ڪئي، ”تون منهنجو قرضي آهين. ڪاڏي ۾ بستر جي بدلي تون مون کي منهنجي خواب جي تعبير ٻڌائڻ وارو هئين.“

”مان ان کان بہ ڪجهہ بهتر ڪري سگهان ٿو. مان تنهنجو هٿ پڙهي سگهان ٿو.“ مون صلاح ڏني.

واپس مُڙي مان وٽس ويس. سندس ٻرندڙ اکين ڏانهن سختيءَ سان نهاريم. بي يقيني مان هو پاڻمرادو پوئتي ٿيو. ايسيتائين جو مون سندس هٿ پڪڙي تري پاڻ ڏانهن ڪئي. پوءِ هن مون کي پوئتي نہ ڌڪيو. هن جي ٽِڪل ڦٽل، وڪوڙيل لڪيرن کي جانچڻ لڳس. هوريان هوريان، سندس وجود جو دائرو ظاهر ٿيڻ لڳو. هڪ زنگيل ناسي ۾ نيرو جيڪو هاڻي هلڪو سرمائي ٿي ويو هو. منجهانئس روحاني طاقت ختم ٿي ويئي هئي، جڻ هاڻي هن ۾ ٻاهرين دنيا کي منهن ڏيڻ جي سگهہ نہ رهي هجي. اندر ئي اندر، هو ڪوماڻل گل کان وڌيڪ نہ رهيو هو. روحاني قوت جو پورائو ڪرڻ جي خاطر، هن پنهنجي جسماني طاقت ٻيڻي ڪري ڇڏي هئي، جنهن جو استعمال هن بيجا ڪيو پئي.

مون کي ڪجهہ نظر اچڻ لڳو ان جي ڪري منهنجي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويئي. ڪنهن پردي جي پويان پهريون ڌنڌلو ۽ پوءِ چٽو ٿيندڙ منظر، منهنجي اکين اڳيان نمودار ٿيو.

ڀوري ناسي وارن واري، پيرين اگهاڙي، ڪارن نيڻن سان ۽ پرت پريل ڳاڙهي چادر ڪلهن کي ويڙهيل هڪ عورت نظر آئي.

”تو پنهنجو ڪو پيارو وڃايو آهي،“ مون ٻڌايو ۽ هن جو ڪاٻو هٿ جهليم. ”سندس ڇاتي ڪير سان ڀريل آهي ۽ سندس پيٽ ايترو وڏو جو لڳي ٿو بس جاڻ سندس ٻطن مان هڪ ٻار جنم وٺندو. هوءَ جهوپڙي اندر باهہ ۾ ڦاٿل آهي. گهر کي چوڌاري سونو پاڻي چڙهيل پاڪڙين وارن گهوڙن تي سوار ويڙهاڪن گهيري رکيو آهي. انساني گوشت جي بدبو. منگولي سپاهي، سندن نڪ بينا، ڳچيون موتيون ۽ نندڙيون ۽ دليون ايتريون سخت جيترا پٿر. اها چنگيز خان جي طاقتور فوج آهي.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

”تو پنهنجا ٻه عزيز وڃايا آهن. تنهنجي زال جي پيٽ ۾ تنهنجو ٻهريون ٻار پلجي رهيو هو.“ مون پنهنجي ڳالهه واضح ڪئي.

سندس اکيون هيٺ پنهنجي چمڙي جي بوٽ ۾ ڪتل هيون. چپ زور سان پڪوڙي رکيا هئائين. سراءِ راکي جو منهن سمجهه ۾ نه ايندڙ لڪيرن ۾ ٻرجي ويو. هڪدم هو پنهنجي عمر کان وڏو محسوس ٿيڻ لڳو.

”مون کي اندازو آهي ته تو کي تسلي نه ٿيندي، پر هڪ ڳالهه جي تو کي خبر هجڻ گهرجي. هُن کي ٻاهه يا ٻوڏ نه ماريو هو. مٿس ڇت مان ڪاٺ جو هڪ تختو ڪِريو هو. بنا ڪنهن تڪليف جي هوءَ موقعي تي ئي فوت ٿي ويئي هئي. تو هميشه اهو سمجهيو ته هُن دردناڪ تڪليف سَٺي هوندي، پر حقيقت ۾ هن ڪا تڪليف نه ڏٺي هئي.“

سراءِ راکي جون پيرون هيٺ ٿي ويون ۽ ڪنهن تڪليف تحت جُهڪي پيو. جنهن کي صرف هُو پاڻ ئي سمجهي سگهيو پئي.

”تون اهو سڀ ڪيئن ٿو ڄاڻين؟“ سندس آواز ڄڻ ته ڪنهن کوهه مان پئي آيو.

”تون هميشه پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪندو رهيو آهين ته هُن کي صحيح طرح دفنائي نه سگهئين. اڃا تائين تون ڪيس خواب ۾ قبر مان ريڙهيون پائي ٻاهر ايندي ڏسندو آهين. سچ اهو آهي ته تنهنجي زال ۽ پٽ ٻئي ٺيڪ آهن. خلا ۾ سفر ڪري رهيا آهن. روشنيءَ جي ذرڙن جيان آزاد.“

پوءِ مون هر لفظ تڪي توري ادا ڪيو.

”تون ٻيهر رڍ جو ليلڙو ٿي سگهين ٿو ڇو ته هو تو ۾ اڃا ٻه موجود آهي.“

اهو ٻڌي سراءِ راکي پنهنجو هٿ ائين پوئتي ڪيو. ڄڻ هِن ڪنهن گرم تئي کي هٿ لاتو هجي. ”مان تو کي پسند نه ٿو ڪريان درويش. تو کي هڪ رات هتي رهڻ ٿو ڏيان. پر سوچي ڇڏ ته صبح سوير تون هتان گم ٿي وڃين. ٻيهر هتي ڪٿي آس پاس تنهنجو منهن نه ٿو ڏسڻ چاهيان.“ هن چيو.

هميشه ائين ئي ٿيندو آهي. جڏهن ٻه توهان سچ چوندا. ماڻهو توهان سان نفرت ڪندا. جيترو توهان محبت جي باري ۾ ڳالهائيندؤ اوترو ماڻهو توهان کان نفرت ڪندا.

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano